REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 29 مارچ 2024ع بمطابق 18 رمضان المبارڪ 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:304

سويلين ٽرائلز: سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن کي محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ جي مشروط اجازت ڏئي ڇڏي

سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن خلاف فيصلي تي انٽرا ڪورٽ اپيلن تي ٻڌڻي ٿي، اٽارني جنرل پيش ٿيو، عدالت کي پي حڪومت جون اپيلون واپس وٺڻ جي استدعا به منظور ڪري ورتي

20 ماڻهو اهڙا آهن جن کي عيد کان اڳ آزاد ڪري سگهجي ٿو، بريت ۽ گهٽ سزاوارن کي رعايت ڏئي آزاد ڪيو ويندو، جن جي سزا هڪ سال آهي انهن کي رعايت ڏني ويندي: اٽارني جنرل

گڏيل طور تي 105 جوابدار فوج جي تحويل ۾ آهن جن جي آزادي لاءِ 3 مرحلن مان گذرڻو پوندو، پهريون مرحلو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ، ٻيو ان جي توثيق هوندي

ٽيون مرحلو گهٽ سزاوارن کي آرمي چيف طرفان رعايت ڏيڻ هوندي، گهٽ سزاوارن کي قانوني رعايت ڏني ويندي، فيصلو ٻڌائڻ جي اجازت اپيلن تي حتمي فيصلي سان مشروط هوندي

ڪوشش ڪريو ته گهٽ سزاوارن کي عيد کان 3 چار ڏينهن اڳ انهن کي آزاد ڪيو وڃي (جسٽس محمد علي مظهر) صحيح آهي اسان ڪوشش ڪنداسين: اٽارني جنرل

سپريم ڪورٽ پاران فوجي عدالتن کي محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ جي مشروط اجازت، صرف اهڙن ڪيسز جا فيصلا ٻڌايا وڃن جن ۾ نامزد ماڻهو عيد کان اڳ آزاد ٿي سگهن ٿا: هدايت

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ فوجي عدالتن کي محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ جي مشروط اجازت ڏئي ڇڏي. سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن خلاف فيصلي تي انٽرا ڪورٽ اپيلن تي ٻڌڻي ٿي. اٽارني جنرل منصور عثمان ٻڌايو ته 20 ماڻهو اهڙا آهن جن کي عيد کان اڳ آزاد ڪري سگهجي ٿو بريت ۽ گهٽ سزاوارن کي رعايت ڏئي آزاد ڪيو ويندو. جن جي سزا هڪ سال آهي انهن کي رعايت ڏني ويندي. گڏيل طور تي 105 جوابدار فوج جي تحويل ۾ آهن جن جي آزادي لاءِ 3 مرحلن مان گذرڻو پوندو. پهريون مرحلو محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ، ٻيو ان جي توثيق هوندي، ٽيون مرحلو گهٽ سزاوارن کي آرمي چيف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

وزيراعظم جي چيف جسٽس سان ملاقات، ججن جي خط واري معاملي تي انڪوائري ڪميشن ٺاهڻ جو اعلان

چيف جسٽس سان وزيراعظم جي ملاقات تي، وزيراعظم ملاقات دوران چيو ته عدليه جي آزادي لاءِ ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو، اهڙي معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي: اعظم نذير تارڙ

اڄ ڪابينه جو اجلاس ٿيندو، ڪابينه ڪميشن آف انڪوائري جي تحت ڪميشن اپوائنٽ ڪندو، ڪوشش هوندي ته ڪنهن به رٽائرڊ نيڪ نالي جج کان انڪوائري جي درخواست ڪئي وڃي

وزيراعظم سڀاڻي ڪابينه جي سامهون معاملو رکندو، ڪميشن جا ٽي او آر مشاورت سان اٽارني جنرل طئي ڪندا، اصولي فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪميشن ٺاهيو وڃي

سپريم ڪورٽ جي سينئر ترين رٽائرڊ ججز جي نالن تي غور کان پوءِ ڪميشن ٺاهيو ويندو، وقت کان اڳ نالو نٿو ڪٽي سگهان، اينڊ ڀن کان چئن ڏينهن ۾ ڪميشن جي سربراهه جي نالي جو اعلان ڪيو ويندو

ڳالهين جو مقصد اهو هو ته ملڪ ۾ قانون ۽ نظام موجود آهي، اهڙي طرح جي معاملن جي جاچ وفاقي حڪومت ڪرائيندي آهي، چيف جسٽس صاحب معاملو فل ڪورٽ جي سامهون رکيو

ججز جو خط، مس ڪنڊڪٽ بابت آهي يا نه، انهي سوال جو جواب به ڪميشن ۾ ئي اچڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳالهيون صحيح آهن ته جاچ ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن نه ٿيون ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ هي انتهائي سنجيده معاملو آهي: پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (م ر د) قانون واري وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته وفاقي حڪومت طرفان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججز جي خط تي انڪوائري ڪميشن ٺاهيو ويندو وزيراعظم شهباز شريف سڀاڻي ڪابينه اجلاس ۾ انهي معاملي کي رکندو قانون واري وفاقي وزيراعظم نذير تارڙ اٽارني جنرل منصور عثمان اعوان سان گڏ نيوز ڪانفرنس ۾ چيو ته اڄ چيف جسٽس سان وزيراعظم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03


اسلام آباد: قانون وارو وفاقي وزير اعظم نذير تارڙ اٽارني جنرل سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي

وزيراعظم سپريم ڪورٽ پهتو، چيف جسٽس سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

وزيراعظم ۽ چيف جسٽس وچ ۾ ملاقات چيمبر ۾ ٿي، قانون وارو وزير ۽ اٽارني جنرل به شريڪ ٿيا

ملاقات هڪ ڪلاڪ 25 منٽ جاري رهي، جنهن کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف سپريم ڪورٽ مان واپس روانو ٿيو

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وزيراعظم سان ملاقات کان پوءِ فل ڪورٽ اجلاس ٻيهر طلب ڪري ورتو

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججز طرفان لکيل خط جي معاملي تي وزيراعظم شهباز شريف سپريم ڪورٽ پهتو جتي هن چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ سان ملاقات ڪئي. وزيراعظم ۽ چيف جسٽس وچ ۾ ملاقات چيمبر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

صدر آصف زرداري سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جي ملاقات، واپار ۽ اقتصادي لاڳاپا مضبوط بڻائڻ تي اتفاق

معيشت جو استحڪام اولين ترجيح آهي، روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ غربت جي خاتمي تي ڌيان ڏنو ويندو: صدر آصف زرداري

پاڪستان ۽ برطانيه وچ ۾ خوشگوار لاڳاپا آهن، پاڪ برطانيه لاڳاپن کي اعليٰ سطحي رابطن ۽ عوامي لاڳاپن کي هٿي ملي آهي

شمسي ۽ هوائي ذخيرن سان ملڪي توانائي جون ضرورتون پوري ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي، موسمياتي تبديلين کي منهن ڏئي رهيا آهيون

اسلام آباد (م ر د) صدر آصف علي زرداري سان برطانوي هاءِ ڪمشنر جين ميريٽ ملاقات ڪئي آهي. صدر آصف علي زرداري پاڪستان ۽ برطانيه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01


اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان برطانوي هاءِ ڪمشنر ملاقات ڪندي

سنڌ ڪابينا ۾ واڌ جو فيصلو، 6 کان 8 اپريل تائين وڌيڪ ميمبر شامل ٿيڻ جو امڪان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ ڪابينا ۾ واڌ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. 6 کان 8 اپريل تائين سنڌ ڪابينا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

انوار الحق ڪاڪڙ ۽ ايمل ولي بلوچستان مان سينيٽر چونڊجي ويا

جنرل سيٽن تي ن ليگ جو سيدال ناصر ۽ آغا شاهزيب دراني سينيٽر چونڊجي ويا

پ پ جو سردار عمر گرگيج، نيشنل پارٽي جو جان بليدي به سينيٽر چونڊجي ويو

ڪوئيٽا (م ر د) بلوچستان مان سينيٽ جي 11 سيٽن تي 9 سينيٽر بنا مقابلي چونڊجي ويا. جن ۾ آزاد اميدوار اڳوڻو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06


اڳوڻو نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ

ملڪ کي درپيش سمورن چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مضبوط معيشت اهم حيثيت رکي ٿي: وزيراعظم

وزيراعظم پاران وفاقي وزيرن سان گڏ نيول هيڊڪوارٽرز جو دورو، پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف استقبال ڪيو

امير البحر وزيراعظم کي پاڪ بحريه جي ڪردار، صلاحيتن ۽ مستقبل ۾ جدت آڻڻ جي منصوبن کان آگاهه ڪيو

وزيراعظم نيول ايئربيس تربت تي تازي دهشتگرد حملي کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ پيشيوارانه ردعمل کي خاص طور تي ساراهيو

اسلام آباد (م ر د) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته ملڪ کي درپيش سمورن چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مضبوط معيشت اهم حيثيت رکي ٿي، هن اها ڳالهه نيول هيڊڪوارٽرز جي دوري دوران ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف وفاقي وزيرن سان گڏ نيول هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪيو، پاڪ بحريه جي سربراهه ايڊمرل نويد اشرف وزيراعظم جو استقبال ڪيو ۽ وزيراعظم کي پاڪ بحريه جي دستي گارڊ آف آنر پيش ڪيو وزيراعظم شهيدن جي يادگار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ بعد ۾ نيول هيڊڪوارٽرز جي پرنسپل اسٽاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف سان ملاقات ڪندي

وفاقي ڪابينا 24 نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

پي ٽي آءِ اڳواڻ بابر اعوان جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي منظوري ڏني وئي

وفاقي ڪابينا ذيلي ڪميٽي اي سي ايل جي سفارشن جي روشني ۾ منظوري ڏني

اسلام آباد (م ر د) وفاقي ڪابينا 24 نالا اي سي ايل ۾ وجهڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. وفاقي ڪابينا وزارت داخلا جي سمري تي سرڪيوليشن جي ذريعي منظوري ڏني. پي ٽي آءِ جي اڳواڻ بابر اعوان جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سوشل ميڊيا تي سڀ کان وڏو چئلينج جعلي خبرون آهن: عطاءُالله تارڙ

صحافين کي سوشل ميڊيا تي تصديق جي عمل کي اختيار ڪرڻ گهرجي

مس انفارميشن، ڊس انفارميشن ۽ فيڪ نيوز پوري دنيا جو مسئلو آهي

اسلام آباد (م ر د) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُالله تارڙ چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي سڀ کان وڏو چئلينج جعلي خبرون آهن. صحافين کي سوشل ميڊيا تي تصديق جي عمل کي اختيار ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه هن برطانوي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

صوبي ۾ پاڻي جي ڪوٽ تي وفاق سان اختلاف آهي: ڄام خان شورو

ناراءِ روهڙي ڪئنال کي 7 هزار 2 سؤ ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي، سنڌ ۾ فصلن جي پيداوار لاءِ پاڻي جي ڪوٽ نه ڪئي وڃي

سنڌ جي ٻين ڪئنالن ۾ 70 سيڪڙو تائين پاڻي جي ڪوٽ آهي، روٽيشن پروگرام تحت پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي رهيا آهيون

ڪراچي (اين اين آءِ) سنڌ جي آبپاشي واري وزير ڄام خان شورو چيو آهي ته پاڻي جي ڪوٽ تي وفاق سان اختلاف آهي. ڪراچي مان سنڌ جا آبپاشي واري وير صوبي کي پاڻي جي فراهمي بابت بيان جاري ڪيو آهي. هن چيو ته ناراءِ روهڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08


پشاور: ڪي پي جو وڏو وزير علي امين گنڊاپور وفاقي گهرو وزير محسن نقوي سان ملاقات ڪندي

سنڌ جي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر، ڊي اوز ۽ ٽي اوز جي مقرري لاءِ سرچ ڪاميٽي قائم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي تعليم کاتي انتظامي عهدن تي مقرري جي حوالي سان اهم فيصلو ڪندي صوبي ۾ اهم عهدن جي ميرٽ تي مقررين لاءِ طور طريقو تيار ڪري ورتو آهي. تعليم واري وزير سردار شاهه جي هدايت تي تعليم کاتي ۾ ڊائريڪٽر، ڊي اوز ۽ ٽي اوز جي مقرري لاءِ سرچ ڪميٽي قائم ڪئي وئي آهي. تعليم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

سنڌ حڪومت هاڻي انٽر سٽي بس سروس شروع ڪرڻ واري آهي: شرجيل ميمڻ

اورينج لائن ۽ گرين لائين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي منصوبي تي عمل ڪيو پيو وڃي، ان لاءِ شٽل سروس شروع ڪئي ويندي

ريڊ لائين بي آر ٽي تي نگران حڪومت ڌيان نه ڏنو جنهن سبب ڪم دير جو شڪار ٿيو، ڪم هڪ ڀيرو ٻيهر تيزي سان شروع ڪرڻ وارا آهيون

بين الضلاعي ٽرانسپورٽ پراجيڪٽ تحت عوام جي سهولت لاءِ 500 بسون خريد ڪيون وينديون: اجلاس ۾ ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته اورينج لائن ۽ گرين لائين کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي منصوبي تي عمل ڪير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12


صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ

اليڪشن ڪميشن پاران سنڌ مان سينيٽ جي 12 سيٽن جي چونڊ لاءِ اميدوارن جي حتمي لسٽ جاري

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن سنڌ مان سينيٽ جي 12 سيٽن جي چونڊ لاءِ اميدوارن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي مدد ڪرڻ ترجيح آهي: آمريڪا

پاڪستان جي صاف توانائي جي صلاحيت کي 4 هزار ميگاواٽ تائين وڌائڻ ۾ مدد ڪئي

آمريڪي منصوبن سان اڄ ڪروڙين پاڪستانين جي گهرن تائين بجلي فراهم ٿي رهي آهي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪا چيو آهي ته توانائي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪستان جي مدد ڪرڻ واشنگٽن جي ترجيح آهي. آمريڪي اسٽيٽ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

پاڪستان دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن کي انصاف جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ پرعزم آهي: پرڏيهي کاتو

بشام ۾ دهشتگردانه حملي بعد حڪومت چيني حڪومت سان رابطي ۾ آهي جنهن جي نتيجي ۾ پنج چيني شهري مارجي ويا

اهڙا حملا دهشتگردي کي منهن ڏيڻ واري عزم کي هٿي ڏين ٿا، پاڪستان ۽ چين ويجها ۽ دوست ملڪ آهن

ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته بشام حملو پاڪستان ۽ چين دوستي جي دشمنن ڪيو، ڀرپور طريقي سان ڪارروائي ڪنداسين

اسلام آباد (م ر د) پرڏيهي کاتي جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته پاڪستان دهشتگردن ۽ سندن سهولتڪارن کي انصاف جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

مخصوص سيٽن تي حلف برادري جو حڪم، سني اتحاد جو سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو

اسلام آباد (م ر د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سني اتحاد ڪائونسل مخصوص سيٽن تي حلف کڻڻ جي/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32


لاهور: پنجاب جي وڏي وزير مريم نواز بنيادي صحت مرڪز اپگريڊيشن پراجيڪٽ جو دورو ڪندي

آمريڪا ۽ سندس ساٿاري وڏي ۽ مضبوط روس کان ڊنل آهن: پيوٽن

روس نيٽو ملڪن يا يورپ تي حملو نه ڪندو، پولينڊ، بالٽڪ رياستن يا چيڪ خلاف ڪي ارادا ناهن

روس مختلف قومين ۽ مذهبن جي مڃڻ وارن جو ملڪ آهي مسلمان ۽ يهودي به اسان جا ڀائر آهن

ماسڪو (م ر د) روس جي صدر ولاديمير پيوٽن چيو آهي ته آمريڪا ۽ سندس ساٿاري وڏي ۽ مضبوط روس کان ڊنل آهن. روسي قضائيه جي اهلڪارن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

حڪومت اٽو ٻاهرين ملڪن موڪلڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي

گهرايل ڪڻڪ مان تيار ٿيل ڪڻڪ جو اٽو موڪلڻ جي اجازت ڏني وئي

اجازت ايڪسپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جي سهولت جي اسڪيم 2021ع تحت ڏني وئي

اسلام آباد (رپورٽر) وفاقي حڪومت اٽو ٻاهرين ملڪ موڪلڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. ميڊيا رپورٽ مطابق اٽو ٻاهرين ملڪ موڪلڻ جي منظوري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

وفاقي سرڪار بجلي هڪ مهيني لاءِ 5 روپيه في يونٽ مهانگي ڪري ڇڏي

نيپرا اٿارٽي ٻڌڻي مڪمل ڪري ورتي، اضافو فيبروري جي فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ گهريو ويو

بجلي جي طلب گهٽ هجڻ سبب صارفين تي بار پئجي رهيو آهي، طلب ۾ اضافي جي لاءِ ڪم چونه ٿي رهيو آهي: نيپرا ميمبر

اسلام آباد (م ر د) وفاقي سرڪار بجلي هڪ مهيني جي لاءِ 5 روپيه في يونٽ مهانگي ڪرڻ جي منظوري ورتي وئي آهي. اضافو فيبروري جي ماهوار فيول ايڊجسٽمينٽ جي مد ۾ گهريو ويو آهي. نيپرا اٿارٽي ايف سي اي جي مد ۾ درخواست/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

9 مئي ڪيس: آزادي ماڻيندڙ 13 پي ٽي آءِ ڪارڪن اڊيالا جيل ٻاهران ٻيهر گرفتار

ڪارڪنن کي راولپنڊي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ضمانت منظور ٿيڻ تي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو

جوابدارن کي 16 ايم پي او حڪمن جي تحت گرفتار ڪيو ويو، حڪم راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر جاري ڪيا هئا: پوليس

راولپنڊي (م ر د) 9 مئي ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ جي 13 ڪارڪن کي آزادي ماڻڻ کان پوءِ راولپنڊي پوليس ٻيهر گرفتار ڪري ورتو آهي. پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن کي راولپنڊي جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ضمانت منظور ٿيڻ تي آزاد ڪرڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ججن جو خط اسان جي موقف جي تائيد ڪئي آهي: لطيف کوسو

اسان وٽ عدالتي حڪم موجود آهن، پوءِ به گاڏي روڪي وئي

انهن کي اسان جي صحت جو وڏو خيال آهي هي چاهين ٿا ته اسان هلي اچون

راولپنڊي (م ر د) پي ٽي آءِ رهنما لطيف کوسو چيو ته ججز جي خط اسان جي موقف جي تائيد ڪئي آهي، اسان جيڪو به چئون ٿا اهو درست هو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستاني سمورا ٽيڪس ادا ڪندا آهن هتي اچي اصول وساري ويهندا آهن: ميئر ڪراچي

قانون هڪ ئي وقت ۾ ٻن ٽيڪسن جي اجازت نٿو ڏئي، شهر ۾ جلڻ به ڪا خرابي ٿئي ٿي ته ذميوار ڪي ايم سي کي چيو وڃي ٿو

اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي ته ڪراچي شهر جو ڪيترو حصو ڪي ايم سي ۾ اچي ٿو، پاڻي واٽر بورڊ جي بلن جي ادائگي سان اچي ٿو

ڪي اليڪٽرڪ سان ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ ڪنٽونمينٽ جا علائقا شامل ناهن، شهرين پاران واٽر بورڊ جا بل ادا نه ڪرڻ افسوسناڪ آهي

ڪراچي (رپورٽر) ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته قانون هڪ ئي وقت ۾ ٻن ٽيڪسن جي اجازت نٿو ڏئي. ڪراچي ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20


اسلام آباد: وفاقي وزير شزا خواجا سان سافٽ ويئر هائوس ايسوسيئشن جو وفد ملاقات ڪندي

سنڌ اطلاعات کاتي جي آفيسرن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس بابت سکيا ڏيڻ جو فيصلو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي اطلاعات کاتي جي آفيسرن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس جي تربيت ڏني/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

دوداپور پرسان گهرو اڻبڻت تان پاءِ گولين هڻي پيٽ کي قتل ڪري ڇڏيو

واقعو تاجو ديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ جعفر منداڻي ۾ گهرو اڻبڻت تان پيش آيو

پوليس پهچي قتل ٿيل عورت جو لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

دوداپور (م ر د) دوداپور پرسان گهرو اڻبڻت تان پاءِ گولين هڻي پنهنجي نوجوان پيٽ کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. دوداپور پرسان تاجو ديرو ٿاڻي جي حد ڳوٺ جعفر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۾ 9 ڄڻا مارجي ويا، 7 زخمي

اسرائيل ڏکڻ لبنان جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن تي هوائي حملا ڪيا

حزب الله ڪريت شمونا بيرڪن ۽ ٻين ڪيترن ئي اسرائيلي هنڌن تي راڪيٽ فائر ڪيا

بيروت (م ر د) لبنان ۾ اسرائيلي حملن ۾ 9 ڄڻا مارجي ويا ۽ 7 زخمي ٿي پيا آهن. خابرو اداري موجب لبناني فوجي ذريعن جو چوڻ آهي ته اسرائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي آءِ جي 11 اڳواڻن کي جيل ۾ عمران خان سان ملاقات جي اجازت ملي وئي

بيرسٽر گوهر، شعيب شاهين، شير افضل مروت، فيصل جاويد، زرتاج گل، عمير نيازي ۽ ٻين کي اجازت ڏني وئي

سمورين گاڏين کي وڃڻ جي اجازت آهي پر اسان جون گاڏيون روڪيون ويون آهن: بيرسٽر گوهر

عمران خان سان ملاقات جي لاءِ هڪ ڪلوميٽر پنڌ وڃڻو پوندو آهي، درخواست ڏني آهي ته دستاويزات ڪٽي وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي

راولپنڊي (م ر د) اڊيالا جيل اختيارين پي ٽي آءِ اڳواڻن کي جيل ۾ پي ٽي آءِ باني عمران خان ملاقات جي اجازت ڏئي ڇڏي اڊيالا جيل اختيارين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

نادرا ارجنٽ درخواست تي شناختي ڪارڊ ڊليوري جو ٽائيم گهٽ ۾ گهٽ 15 ڏينهن ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل ڊيٽا بيس ۽ رجسٽريشن اٿارٽي عوام جي سهولت لاءِ ارجنٽ درخواست /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24


اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان روسي سفير ملاقات ڪندي

ڪراچي ۾ رولو ڪتن جي شڪايت لاءِ هيلپ لائن بحال، ايپ به تيار

ڪتن جي چڪڻ جي واقعن جي شڪايت لاءِ ناهيل هيلپ لائن 1093 بحال ڪئي وئي

جنوري 2022 کان مارچ 2024 تائين 19 هزار کان وڌيڪ ڪتن کي ويڪسين لڳائي وئي

ڪراچي (رپورٽر) اينٽي ريبز ڪنٽرول پروگرام جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر چيو آهي ته رولو ڪتن جي شڪايت لاءِ ايپ تيار ڪئي وئي آهي. ڪراچي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

رويت هلال ڪميٽي جي چيئرمين پاران عيدالفطر 10 اپريل تي ٿيڻ جو امڪان ظاهر

سائنسي حوالي سان چنڊ جي عمر 20 ڪلاڪ جي ويجهو ۽ زاويو به 10 ڊگري هوندو: مولانا عبدالخبير

سائنسي ماڻهن کي مڃون ٿا پر وقت اچڻ تي چنڊ جو فيصلو شهادت ۽ شريعت موجب ڪنداسين

اسلام آباد (م ر د) رويت هلال ڪميٽي جي چيئرمين مولانا عبدالخبير آزاد سائنسي بنيادن تي عيد جو چنڊ 29 جو هجڻ جو امڪان ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. سائنسي بنيادن موجب پاڪستان ۾ عيدالفطر اربع 10 اپريل تي ٿي سگهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

ڊي آءِ جي ۽ جي پٽ جي هوائي فائرنگ، آءِ جي سنڌ نوٽيس ورتو

ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر جي پٽ جي هٿيار جي نمائش ۽ هوائي فائرنگ جون وڊيوز سوشل ميڊيا تي وائرل

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي واقعي جي مڪمل جاچ جو حڪم، رپورٽ تي محڪماڻي ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويندو: آءِ جي

ڪراچي (رپورٽر) آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر جي پٽ جي هوائي فائرنگ جو نوٽيس وٺي ڇڏيو. ڪراچي پوليس جي سينيئر آفيسر ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر جي پٽ جي هٿيار جي نمائش ۽ هوائي فائرنگ جون وڊيوز سوشل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڌاڙيلن خلاف فوج ۽ پوليس جي گڏيل آپريشن بابت درخواست، ڌرين کي نوٽيس جاري

جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بينچ صحافي لالا شهباز خان پناڻ جي ٻڌڻي ڪئي

سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ بدامني جي باهه ۽ ڌاڙيل راڄ سبب عوام غير محفوظ بڻجي ويو آهي: وڪيل

ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن ۽ سنڌ پوليس وٽ ايترا وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود ناهن جو هو ڪچي ۾ آپريشن ڪري سگهن

سکر (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر پاران سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ امن و امان جي خراب صورتحال ۽ ڪچي ۾ ڌاڙيل راڄ خلاف درخواست تي وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي واسطيدار ڌرين کي هڪ ڀيرو ٻيهر نوٽيس جاري ڪري 9 مئي تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28


اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين اجلاس جي صدارت ڪندي

مقامي ذخيرا گهٽ هجڻ ۽ خرچ وڌڻ سان گيس جي قيمتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي: سوئي نادرن

گهريلو شعبي خاص طور تي سياري جي موسم ۾ آر ايل اين جي فراهمي ضروري ٿي وئي آهي

آر ايل اين جي قيمت تقريبن 3,500 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو جڏهن ته گهريلو شعبي جي اوسط قيمت وڪرو تقريبن 1,100 روپيه آهي

گهريلو صارفين جي لاءِ گيس جي قيمت 513 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو جيڪا ان جي خريد قيمت کان به گهٽ آهي

اسلام آباد (م ر د) گيس جي قيمتن ۾ ٿيندڙ اضافي جي خبرن جي حوالي سان سوئي نادرن چيو آهي ته گيس جي قيمت ۾ اضافو 3 سببن جي آڌار تي ٿي رهيو آهي. سوئي نادرن چيو آهي ته گيس جا مقامي ذخيرا لاڳيتو گهٽ ٿي رهيا آهن جنهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ سنڌ ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال ۽ ڪچي ۾ ڌاڙن جي راڄ خلاف درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

پوليس ۽ لاڳاپيل ڌرين جي غير موجودگي سبب عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 9 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

شهيد جان محمد جا قاتل ست مهينا گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ڪچي ۾ ڌاڙيلن پنهنجي ڏوهن جي رياست قائم ڪري ورتي آهي: بئريسٽر خان عبدالغفار خان

ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪاروايون ڪرڻ لاءِ وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود آهن عوام جي جان ومال جي حفاظت ۽ امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ پوليس رينجرز ۽ پاڪ فوج جو گڏيل آپريشن ڪيو وڃي: درخواست ۾ موقف

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بينچ ۾ سنڌ ۾ امن امان جي بگڙيل صورتحال ۽ ڪچي ۾ ڌاڙن جي راڄ خلاف سکر پريس ڪلب جي فنانس سيڪريٽري لالا شهباز خان جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. پوليس/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01



سکر: بئريسٽر خان عبدالغفار خان ميڊياسان ڳالهائي رهيو آهي

تعليم کاتي جي ضلعي سطح جي نگراني ڪميٽي جو اجلاس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ ٿيو

اجلاس ۾ غير حاضر استادن خلاف فوري ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو. ضلعي اندر بند پيل اسڪول فوري طور کولڻ ۽ اتي استاد مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

اسڪولن ۾ شاگردن ۽ استادن جي تعداد کي نظر ۾ رکندي استادن کي ايس ٽي آر پاليسي تحت مقرر ڪرڻ لاءِ چيو ويو

اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر جي نگراني ۾ ڪميٽيون قائم ڪيون ويون ته جيئن اسڪولن پاران ايس ايم سي فنڊن جي استعمال جي نگراني ڪئي وڃي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) تعليم کاتي جي ضلعي سطح جي نگراني ڪميٽي جو اجلاس ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي جي صدارت هيٺ ٿيو اجلاس ۾ غير حاضر استادن خلاف فوري ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

پاڪستان بين المذاهب آزادي جي حوالي سان دنيا ۾ هڪ مثالي اسلامي رياست آهي: نظير احمد پتو

ملير (رپورٽر) ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پتو چيو آهي ته پاڪستان بين المذاهب آزادي جي حوالي سان دنيا ۾ هڪ مثالي اسلامي رياست آهي. جنهن ۾ عيسائي ۽ هندو برادرين سميت ٻين غير مسلم اقليتن کي پنهنجا مذهبي توار ملهائڻ جي مڪمل آزادي حاصل آهي. هندو ۽ عيسائي برادرين جو وڏو تعداد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07



نوشهروفيروز: اي ڊي سي سميع الله سنجراڻي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

شهادت امام علي عليه سلام جي سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اهم گڏجاڻي، فول پروف انتظام ڪرڻ جو فيصلو

گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي زبير نظير شيخ، اي ڊي سي ون جواد احمد لاڙڪ، اي ڊي سي غضنفر شاهه، ڊي آئي بي انچارج علي گل ملاح سميت اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

شهادت امام علي عليه السلام جي موقعي تي روينيو، پوليس ۽ رينجرز پاران گڏيل طور ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر خيرپور

ضلعي پوليس پاران ضلعي ۾ ٿيندڙ جلوسن، مجلسن لاءِ 1700 پوليس آفيسر توڙي اهلڪار مقرر ڪيا ويندا

رانيپور (رپورٽر) شهادت حضرت امام علي عليه سلام جي موقعي تي ضلعي انتظاميه خيرپور ۽ پوليس پاران ڪنٽرول روم، فول پروف انتظام ۽ امن ڪاميٽي کي فعال رکڻ جو فيصلو ضلعي انتظاميا پاران يوم شهادت امام علي عليه السلام/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

رتوديرو ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو مير روحل خان کوسو طرفان کلي ڪچهري، شڪايتن جا انبار لڳي ويا

کلي ڪچهري دوران وڏي انگ ۾ پهتل ماڻهن مسئلن جا انبار لڳائي ڇڏيا، پوليس اهلڪارن جي زيادتين بابت دانهون

چورن ۽ ڌوهارين کي وارننگ ڏيان ٿو ته پيش ٿين ٻي صورت ۾ اسان انهن سان سختي سان پيش اينداسين: ايس ايس پي روحل خان کوسو

2022 واري برسات ۽ ٻوڏ بعد بک بدحالي بيروزگاري ۽ منشيات سبب ڏوهن ۾ اضافو آيو آهي، حڪمت عملي جوڙيون پيا

رتوديرو (رپورٽر) رتوديرو ۾ ايس ايس پي لاڙڪاڻو مير روحل خان کوسو طرفان کلي ڪچهري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سانگهڙ ۾ فوتي اهلڪارن جي 4 ٻارن کي پوليس کاتي ۾ نوڪرين جا آرڊر ڏنا ويا

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ ۾ فوت ٿيل اهلڪارن جي 4 ٻارن کي پوليس کاتي ۾ نوڪرين جا آرڊر ڏنا ويا. فوت ٿيل اهلڪارن کاتي لاءِ ڪيتريون ئي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13



رتوديرو: ايس ايس پي مير روحل خان کوسو کليل ڪچهري ۾ شڪايتون ٻڌي رهيو آهي

پي ايس 80 کي اين شاهه تڪ تي پ پ پ اميدوار زبير احمد جوڻيجو بنا مقابلي ڪامياب

انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جي وفات بعد خالي ٿيل تڪ تي زبير احمد جوڻيجو کي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويو

جتوئي پيائرن پاران فارم نه ڀرائڻ سبب زبير احمد جوڻيجو مضبوط اميدوار طور سامهون آيو هو. اظهار الحق صديقي به هٽ ڪئي وئي

بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ تي پ پ پ ورڪرن جيالن ۽ سپورٽرن پاران جشن. زبير جوڻيجو کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) پي ايس 80 کي اين شاهه تڪ تي پ پ پ اميدوار زبير احمد جوڻيجو بنا مقابلي ڪامياب، خيرموجب: اڳوڻي ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جوڻيجو جي وفات بعد خالي ٿيل پي ايس 80 خيرپورناٿن شاهه صوبائي تڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ سلسليوار پروگرام تي گڏريو

انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي ادب ۽ ان جي تاريخ پڙهڻ لازمي آهي: عبدالوحيد چانڊيو، پروفيسر ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر

يونيورسٽي جي پڙهائي منهنجي زندگي ۾ انقلاب برپا ڪيو، جيون ۾ هارڊ ورڪ پلي نه ڪيو پر سمارٽ ورڪ ڪيو: تقريب کي خطاب

پبلڪ اسپيڪنگ ڪان مان گهبرائيندو هوس پر سيد قلندر شاهه لڪياري ۽ ڊاڪٽر سحر امداد اعتماد بحال ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪيو

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ سلسليوار پروگرام منهنجي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

پي ايس 80 کي اين شاهه تڪ تي جي يو آءِ اميدوار پاران ضمني چونڊ جو بائيڪاٽ

خيرپورناٿن شاهه (رپورٽر) پي ايس 80 کي اين شاهه تڪ تي جي يو آءِ اميدوار اظهار الحق صديقي 21 اپريل تي ٿيندڙ ضمني اليڪشن جو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19



لاڙڪاڻو: گورنمينٽ آرٽس ۽ ڪامرس ڪاليج ۾ پروفيسر رضوان گل تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپورماٿيلو: يوم شهادت حضرت علي ع جي موقعي تي ضلعي ۾ سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جو فيصلو

سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پنهنجي پنهنجي تعلقن ۾ مجلسن ۽ جلوسن جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون ويون

ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي جي صدارت هيٺ يوم علي ع جي مناسبت سان انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس ٿيو

ڪونايل اهم اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊي ايڇ او سميت رينجرز، پوليس، ميونسپل ۽ سيپڪو سان لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: يوم شهادت حضرت علي ع جي موقعي تي ضلعي ۾ سخت حفاظتي انتظام ڪرڻ جو فيصلو. سمورن اسسٽنٽ ڪمشنرن کي پنهنجي پنهنجي تعلقن ۾ مجلسن ۽ جلوسن جي نگراني ڪرڻ جون هدايتون/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو طرفان احتجاج

ڇئن مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف قلم ڇڏ هڙتال ڪري ريلي ڪڍي ايڊمن بلاڪ اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

حضور بخش ڏيپر، مظفر علي ڳاڏهي، بلاول جوکيو، سليم احمد خاصخيلي، غلام عباس چانڊيو ۽ ٻين اڳواڻي ڪئي

نوٽيس وٺي سسپين ڪيل ملازمن کي بحال ڪري رهيل پگهارون ڏنيون وڃن جيئن ٻچڙا سان گڏ عيد ڪري سگهون: ملازم

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو طرفان ڇئن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

هنگورجا شهر جو امن برقرار رکڻ لاءِ پوليس جي جوانن جو وڏي انگ ۾ فليگ مارچ

هنگورجا (رپورٽر) هنگورجا شهر جو امن برقرار رکڻ لاءِ پوليس جي جوانن جو وڏي انگ ۾ فليگ مارچ، ايس ايڇ او هنگورجا عبدالرحمان پتو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24



لاڙڪاڻو: ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن يونيورسٽي جا ملازم مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

نئون ڪوٽ پرسان ريلوي جو ڪروڙين روپين جو لوهه چوري ٿيڻ جو انڪشاف

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان هڪ صدي پراڻي ميرپورخاص جي ميٽرگيج لوپ لائن ريلوي جو ڪروڙين روپين جو لوهه چوري ٿيڻ جو انڪشاف. لوهه چوري ڪرڻ واري وڊيو سامهون اچڻ باوجود نئون ڪوٽ پوليس چورن خلاف اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي خبر موجب نئون ڪوٽ پرسان هڪ صدي پراڻي ميرپورخاص جي ميٽر گيج لوپ لائن ريلوي جو ڪروڙين روپين جو لوهه چوري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٽي بي جي عالمي ڏينهن تي مناسبت سان سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ سيمينار منعقد

ٽي بي جو علاج ممڪن آهي ضلعي اندر هلندڙ سمورين اسپتالن ۾ ٽي بي جي تشخيص لاءِ جديد مشينن سان ٿي رهي آهي ڊي ايڇ او ڊاڪٽر مختيار احمد ميمڻ

سيمينار جي آخر ۾ سول اسپتال کان ٽي بي جي خاتمي لاءِ بيداري ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ٽي بي ورڪرن سميت سول سوسائٽي ۽ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ٽي بي جي عالمي ڏينهن تي مناسبت سان سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن کي خطاب ڪندي ADHO ڊاڪٽر مختيار احمد ميمڻ، سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جهرڪ لڳ پيلي ويران ۾ پيرسن جي ليزواري زمين تي بااثرن جو قبضو، متاثر پيرسن جو احتجاج

ابن ڌاڙن کان پيلي کاتي جي 60 ايڪڙ زمين ليز تي حصل ڪري آباد ڪري رهيا آهيون، بااثر قبضو ڪري جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي

پيرسن سپريم ڪورٽ، وزيراعظم پاڪستان سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته زمين تان قبضو ختم ڪرائي ڏنو وڃي

ٺٽو (جاويد لطيف ميمڻ) جهرڪ لڳ پيلي ويران ۾ پيرسن جي ليزواري زمين تي بااثرن قبضو ڪري ورتو، بيلو کاتو به پٺ ڀڻيل، پوليس به ڪا داد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ناروشاهه پرسان پورهيت جو يونين ڪائونسل پالهاڻو جي سيڪريٽري ۽ عملي خلاف احتجاج

سيڪريٽري فارم ٺهرائڻ لاءِ ڳري رشوت وٺڻ بعد به نيائي کي عورت واري خاني ۾ موڙي پئي پيسا رشوت طلب ڪري رهيو آهي: ذوالفقار سولنگي

فوري طور ڪرپٽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ڊي سي آفيس آڏو احتجاج ڪندس

ناروشاهه (رپورٽر) ناروشاهه پرسان ڳوٺ پدل سولنگي جي رهواسي پورهيت جو يونين ڪائونسل پالهاڻو جي سيڪريٽري ۽ عملي خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ بدامني ۽ چوري خلاف او پي ڊي جو بائيڪاٽ، احتجاجي مظاهرو

او پي ڊي جو بائيڪاٽ ۽ احتجاجي مظاهرو، پوليس ۽ انتظاميا خلاف سخت نعري بازي ڪئي

اسان جي سيڪيورٽي ڪرڻ لاءِ ڪو به تيار نه آهي روزانو غريب ملازمن جون گاڏيون چوري ٿين ٿيون: ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) سول اسپتال نوشهروفيروز ۾ بدامني ۽ هر روز مريض ڊاڪٽر PMA ۽ عملي جي موٽر سائيڪلن جي چوري ۽ خلاف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08



نوشهروفيروز: بدامني خلاف صحت کاتي جا ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

سڪرنڊ پوليس جون منشيات ڪپائيندڙن خلاف ڪارروايون، 3 جوابدار گرفتار، منشيات هٿ

سڪرنڊ شهر جي بخاري محلي ۽ محرابپور روڊ تي منشيات ڪپائيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي

محراب پور روڊ تان عبدالوحيد کيريو ۽ فياض علي کيريو کي زيڊ ايڪيه، گٽڪن ۽ مين پڙين سميت گرفتار ڪري ورتو

سڪرنڊ (رپورٽ: راڄ ڪماراوڙ) ايس ايس پي نوابشاهه تنوير حسين تنيو جي سخت حڪمن تي سڪرنڊ پوليس جون منشيات ڪپائيندڙن خلاف مختلف/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

رحمتن ۽ برڪتن واري پلاري مهيني رمضان شريف ۾ به مهانگائي عروج تي

هٽراڙو وڏايل ڳوٺن توڙ مهانگائي ۾ سڪرنڊ تعلقي ۾ مزدور ۽ پورهيت طبقي جا ماڻهو سخت پريشان

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به غائب، عوامي منافعي خورن هٿان ڦرجڻ لڳو

سڪرنڊ (رپورٽ راڄ ڪماراوڙ) رحمتن ۽ برڪتن واري پلاري مهيني رمضان شريف ۾ به مهانگائي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو هٽراڙو وڏايل/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري جي زير صدارت گڏجاڻي منعقد

اي پي آئي سينٽرن جا اوچتا دورا ڪري اتي موجود ويڪسين ۽ اسٽاف جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي

پنهنجن 2 سالن کان گهٽ ٻارن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائن

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون جاويد احمد ڏاهري جي زير صدارت دربار هال ۾ پي اي آئي ۽ اي پي آئي سنجري ٽاسڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ضلعي جي نئين ڊي سي چارج سنڀالي ورتي

منور عباس سومرو پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي ڪم شروع ڪري ڇڏيو

عوامي مسئلن جي فوري حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ورتيون وينديون: ڊپٽي ڪمشنر

ٺٽو (رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلعي ۾ نئين مقرر ٿيل ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي باقاعده پنهنجو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

پوليس پاران منشيات فروشن جرائم ڪندڙن ڪرمنل جوابدارن خلاف ڪاروايون جو سلسلو جاري

سي آئي اي پوليس پاران آزادي سان ٻيٺل ٽن ايڪٽو ڪرمنل ڏوهاري کي حڪمت عملي تحت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي

هڪ جوابدار فرار ٿي ويو، سي آئي اي پوليس موجب فرار جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ايس ايس پي سيد امداد علي شاهه جي هدايت ضلعي پوليس ٽنڊو محمد خان پاران منشيات فروشن جرائم/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18



ٽنڊو محمد خان: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل منشيات جو ڊيڪ

ٻنون لڳ پيار جي پڙٽي بعد راڄوڻي فيصلي ۽ قتل وارو مامرو

ناري جي مامي طرفان نوجوان کي چراهٽي بيدردي سان قتل ڪرڻ جو ڪيس داخل

ٻنون پوليس طرفان 3 ڄڻن خلاف قتل جو ڪيس داخل، هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ٻنون لڳ پيار جي پڙٽي بعد راڄوڻي فيصلي ۾ ناري جي مامي ۽ ٻين طرفان نوجوان کي چراهٽي بيدردي سان قتل ڪرڻ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ضلع شهيد بينظير آباد ۾ ڪڻڪ جون 8 لک ٻورين خريداري جو ٽارگيٽ مقرر ڪيل آهي: ڊي سي شهيد بينظير آباد

سنڌ حڪومت پاران سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ جي خريداري لاءِ آبادگارن کي شفاف نموني سان باردانو جي فراهمي لاءِ جامع پاليسي جوڙي وئي آهي

ٽارگيٽ حاصل ڪرڻ ۽ آبادگارن کي سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ ضلع جي مختلف علائقن ۾ 41 ڪڻڪ خريداري سينٽر قائم ڪيا ويا آهن

سڪرنڊ (رپورٽ راڄ ڪماراوڙ) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد زاهد حسين رند چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سرڪاري اگهه تي ڪڻڪ جي خريداري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

دوڪان تان نامعلوم هٿيارٻندن ڦرڪئي: محرابپور واسي جو احتجاج

دوڪاندار عزيز احمد ميمڻ جي مرڪزي ميڊيا هائوس محرابپور ۾ پريس ڪانفرنس

ڦريل رقم واپس ڏياري وڃي نه ڦرجي واپسي تائين اڳيان احتجاج ڪنداسين: متاثر

محرابپور (رپورٽر مجاهد علي سامٽيو) مرڪزي ميڊيا هائوس محرابپور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي دوڪاندار عزيز احمد ميمڻ چيو ته اڄ ڏينهن/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

ڪنڊڪوٽ جي صحافي کان ٽيل چوري واپس نه ٿي، صحافين جو احتجاج، ايس ايس پي سان ملاقات

پريس ڪلب جي سرپرست اعليٰ گل محمد خان جکراڻي جي چوري ٿيل ڪار پوليس واپس ڪرائڻ ۾ ناڪام

واقعي خلاف گل محمد خان جکراڻي، پيربخش ٻنگوار راڄه گوبي چند حفيظ ملڪ ياسين لاشاري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

ٽارگيٽيڊ پلان تحت چوري ٿي آهي، جاچ ڪري جوابدار به گرفتار ڪيا ۽ ڪار واپس به ڪرائيندي: ايس ايس پي جي خاطري

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ امداد ٻنگوار) ڪنڊڪوٽ گذريل ڏينهن پريس ڪلب جي سرپرست اعليٰ گل محمد خان جکراڻي جي چوري ٿيل ڪار اڃا تائين واپس نه ٿي سگهي چوري واقعي خلاف پريس ڪلب ڪنڊڪوٽ ڪان سرپرست اعليٰ گل محمد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26



ڪنڊڪوٽ: صحافي گل محمد جکراڻي ڪار واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سڪرنڊ شهر ۽ آسپاس ۾ چورين جو آزار گهٽ نه ٿيو، عيد ويجهو ايندي ئي گاڏي چور ۽ ڦورو وڌيڪ سرگرم ٿي ويا

سڪرنڊ (رپورٽر: راڄ ڪماراوڙ) سڪرنڊ شهر ۽ آسپاس ۾ چورين جو آزار رڪجي نه سگهيو عيد ويجهو ايندي ئي گاڏي چور ۽ ڦورو وڌيڪ سرگرم ٿي ويا. اڄ صبح واپڊا سڪرنڊ جي ملازم عبدالقيوم رند جي واپڊا آفيس مان سي ڊي موٽرسائيڪل چوري ٿي وئي. عبد القيوم جو چوڻ آهي ته موٽرسائيڪل آفيس ٻاهران بيهاري/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

ڏيڍ سال اڳ برسات ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل اسڪولن جي مرمت ۽ مالڪي ڪرڻ بعد اسڪولن ۾ تعليم جو سلسلو ٻيهر بحال ٿي ويو

ياد رهي ته ڏيڍ سال اڳ آيل طوفاني برسات ۽ ٻوڏ ڪانپوءِ جتي گهر ۽ زمينون ٻڌي تباهه ٿي ويا ئيا، اتي تعليمي ادارن کي پڻ تمام گهڻو نقصان پهتو

حڪومت طرفان مرمت ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ سبب چار سئو کان وڌيڪ اسڪولن جون عمارتون بيڪار بڻجي ويون جنهن جو ڪم غير سرڪاري تنظيم ٽرڊپ ڊولپمينٽ پروگرام سنڀاليو

يونيسيف جي سهڪار سان 83 اسڪولن ۾ ڪم شروع ڪيو جتي اسڪول جون عمارتون مڪمل طور ڊهي پٽ ٿي چڪيون هيون، انهن لاءِ ڪيمپون لڳايون ويون

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ڏيڍ سال اڳ برسات ۽ ٻوڏ ۾ تباهه ٿيل اسڪولن جي مرمت ۽ مالڪي ڪرڻ بعد اسڪولن ۾ تعليم جو سلسلو ٻيهر بحال ٿي ويو ياد رهي ته ڏيڍ سال اڳ آيل طوفاني برسات ۽ ٻوڏ ڪانپوءِ جتي گهر ۽ زمينون ڊهي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان صدارت هيٺ نيوٽريشن پروگرام بابت ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس

اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صادق علي خواجه، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو غلام سرور پنهور، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر ذوالفقار علي سيال ۽ ٻين شرڪت ڪئي

نيوٽريشن پروگرام جو مقصد ٻارن ۽ غريب خاندانن جي غذائي کوٽ کي پورو ڪري کين صحتمند بڻائڻ آهي ۽ ضلعي اندر هن پروگرام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي ضرورت آهي: ڊپٽي ڪمشنر

اينتر اجلاس ۾ لاڳاپيل کاتن پاران ٻارن ۾ غذائي کوٽ ۽ سنڌن واڌ ويجهه تي پوائنٽ گهٽ اٿڻ وارين يونين ڪائونسلز جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ هن فورم تي پنهنجا مسئلا لکت ۾ آڻڻ ته جيئن کين بروقت حل ڪري سگهجي

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڊرمون پاواني جي صدارت/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

لاڙڪاڻو: قمبر تعلقي جي ڳوٺ الله ڏنو ٽنيو جي رهواسين طرفان احتجاج

لاڙڪاڻو (رپورٽر) لاڙڪاڻي ۾ قمبر تعلقي جي ڳوٺ الله ڏنو ٽنيو جي رهواسين طرفان ميڊيا طور ڳوٺ جي گهٽي تي قبضو ٿيڻ خلاف پريس ڪلب/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30



ٽنڊو محمد خان: ڊي سي ڊرمون پاواني اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

ٽنڊو غلام حيدر ۾ مهانگائي ماڻهن جو ميڄالو مڃ ڪري ڇڏيو

رمضان شريف ۾ ڳاٽي توڙ مهانگائي سبب پورهيت طبقي جا ٻئي هٿ مٿي تي اچي ويا، عوام پريشان

يوٽيلٽي اسٽور به عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل-ٻر اٽو- گيهه کنڊ ۽ ٻيون سبسڊي واريون شيون واپارين کي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف-

ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر خاموش تماشائي بڻيل پورهيت ۽ ڏهاڙيدار افطاري بعد به فاقه ڪٽڻ تي مجبور

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) رمضان شريف ۾ ڳاٽي توڙ مهانگائي سبب پورهيت طبقي جا ٻئي هٿ مٿي تي اچي ويا ماڻهو پريشان يوٽيلٽي اسٽور به عوام لاءِ بي لاڀ بڻيل اٽو گيهه کنڊ ۽ ٻيون سبسڊي واريون شيون واپارين کي وڪرو ڪرڻ جو انڪشاف ڊي سي ٽنڊو محمد خان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به خاموش جڏهن ته هن رحمتن ۽ برڪتن واري پلاري مهيني رمضان/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو غلام حيدر: بسپ جي رقم مان ڪٽوتي وارو سلسلو ختم نه ٿيو، مستحق پريشان

بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن کي پئسا نه ملڻ سبب هزارين مستحق عورتون پريشان

في ڪارڊ تي 1000 هزار کان 2000 هزار جي ناجائز ڪٽوتي ڪندڙ ڊوائيس هولڊرن جي من مستي برقرار

فنگر جو جواز ڄاڻائي هزارين مسڪين مستحق عورتن کي دربدر ڪندڙن خلاف اثرائتي ڪارروائي جي گهر

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽ ميرحسن رند) ٽنڊو غلام حيدر جي مريا شهر ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن کي پئسا نه ملڻ سبب تعلقي ۾ هزارين مستحق عورتون پريشان ڊوائيس هولڊرن جي من مستي برقرار في ڪارڊ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس ڪنٽرول اي پي ايس ۽ ڊي آئي او ڪيمپ جي گڏيل ڪارروائي

چيڪنگ دوران مزده ٽرڪ مان 15 ڪلو چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ لاڳاپيل اختيارين جي هدايتن تحت ضلعي ۾ ڪارروايون هلندڙ

شهر کي منشيات کان پاڪ ڪرڻ تائين منشيات فروشن خلاف ڪارروائيون جاري رهنديون: کاتي جا عملدار

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس ڪنٽرول اي پي ايس ۽ ڊي آئي او/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

سنجهورو: سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي شهيد استادن جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ احتجاج

سنجهورو (رپورٽر) سنڌ ۾ مختلف هنڌن تي شهيد ٿيل استادن جي قاتلن کي گرفتار ڪرڻ ۽ استاد کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ پ ٽ الف تعلقي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34



سکر: ايڪسائيز پوليس پاران گرفتار ڪيل منشيات فروش

نئون ڪوٽ پرسان رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، 3 ڄڻا زخمي

هڪ ڏينهن دوران نينگر سميت 3 ڄڻن کي رولو ڪتن ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏي

اسپتال ۾ ڇتي ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين اڻلڀ، متاثر سخت پريشان

اسپتال انتظاميا پاران زخمين کي ويڪسين لاءِ مٺي وڃڻ جو مشورو، متاثرن جو مظاهرو

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ پرسان رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو، هڪ ڏينهن دوران نينگر سميت 3 ڄڻن کي رولو ڪتن ڏاڍهي زخمي ڪري ڇڏي ڇتي ڪتي جي چڪ کان بچاءَ واري ويڪسين اڻلڀ، اسپتال انتظاميا پاران زخمين کي ويڪسين/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

جنگشاهي جي ڪوهستاني علائقي رنپٽياٽي واسي جو احتجاج

ڳوٺ جکرو جوکيو جي رهواسي زخمي پيرسن پيش امام علي حسين جوکيو پاران بااثرن خلاف مظاهرو

مڪلي تي بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي متس ٿيل حملي خلاف صحافين اڳيان پيش امام جون دانهون

حملي اور جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري، بااثر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري وڃي: پيش امام

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) جنگشاهي جي ڪوهستاني علائقي رنپٽياٽي جي ڳوٺ جکرو جوکيو/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ميرپور ماٿيلو: بسپ ڊوائيس هولڊرز پوليس جي زيادتين خلاف سراپا احتجاج

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڊوائيس هولڊرز پوليس جي زيادتين خلاف ڊوائيسون بند ڪري احتجاج/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37



گهارو: ڳوٺ جکرو جوکيو واسي پيرسن پيش امام علي حسن جوکيو احتجاج ڪري رهيو آهي

دڙو ۾ پيلي کاتي جي اهلڪار متان گهر تي حملي، ٻارڙي کي زخمي ڪرڻ ۽ گهر ساڙڻ جا الزام، رپورٽ داخل

ڳوٺ عبدالله چانڊيو ۾ اهلڪار هٿيارٻندن جي مدد سان گهر تي مبينا حملو ڪري 4 سالن جي ٻارڙي کي سخت زخمي ڪيو

هٿيارٻندن پاران گهرن کي باهه ڏيڻ جي ڪوشش ۽ ٻارڙي جي ٻانهن ٽوڙڻ بابت ٻنون ٿاڻي تي رپورٽ داخل، اهلڪار پاران الزام رد

علي گوهر ۽ صمند چانڊيو وارا ڪڏي پيلي جي سرڪاري زمينن تي قبضن ۾ ملوث آهن، منهنجي خلاف ڊرامو رچايو ويو آهي: اهلڪار

دڙو (ن سنڌ يار) ٻنون لڳ ڪڏي پيلي جي ڳوٺ عبد چانڊيو ۾ پيلي کاتي جي اهلڪار تي هٿيارٻندن جي مدد سان گهر تي مبينا حملو ڪري 4 سالن جي معصوم ٻارڙي کي سخت زخمي ڪري گهرن کي باهه ڏيڻ جو الزام. ٻنون ٿاڻي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

❊❊❊ روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي ❊❊❊

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 29 مارچ 2024ع

هڪ ٿي ڏينهن دهشتگردي ۽ ٻڙڌڪ مچائيندڙ 'خط'

خيبر پختونخوا جي شانگلا ضلعي جي بشام واري علائقي ۾ داسو ڊيم پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ چيني انجنيئرن جي قافلي تي خودڪش حملي جي نتيجي ۾ 5 چيني انجنيئرن سميت 6 ڄڻا مارجي ويا. بارود سان ڀريل گاڏي چيني انجنيئرن جي قافلي سان ٽڪرائي ڌماڪو ڪيو ويو. وزير اعظم شهباز شريف چيني سفارتخاني پهچي سفير سان ملاقات ڪري تعزيت ڪئي. بشام خودڪش حملي تي ويچارڻ ۽ جائزو وٺڻ لاءِ ڪالهه وزير اعظم جي صدارت ۾ اجلاس پڻ ٿيو جنهن ۾ آرمي چيف پڻ شرڪت ڪئي. ڪي پي ڪي ۾ ٿيل دهشتگردي واري ڏينهن بلوچستان جي تربت ۾ گوادر پورٽ اٿارٽي ڪمپليڪس تي پڻ حملو ٿيو جيڪو سيڪيورٽي فورسز ناڪام بڻائي ڇڏيو جنهن ۾ 8 حملي آور مارجي ويا ۽ هڪ سيڪيورٽي فورسز جا جوان شهيد ٿيا. ساڳئي ڏينهن هڪ 'ڌماڪي' جي خبر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن جي حوالي سان پڻ آئي آهي، جن سپريم جڊيشل ڪائونسل کي خط لکي ڳجهي اداري ۽ انتظاميا تي وڊيوز ناهڻ، ڌمڪائڻ ۽ دٻاءُ وجهڻ ۽ مداخلت جو الزام هنيو آهي. ڇهن ججن جي گڏيل خط تي جسٽس محسن اختر ڪياني، جسٽس بابر ستار، جسٽس ارباب محمد طاهر، جسٽس طارق محمود جهانگيري، جسٽس سردار اعجاز اسحاق خان ۽ جسٽس ثمن رفعت جون صحيحون آهن. سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت ۾ ان معاملي تي ويچارڻ لاءِ فل ڪورٽ اجلاس پڻ ٿيو آهي. اسلام آباد بار ايسوسيئيشن ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڇهن ججن جي لکيل خط جي حوالي سان جاچ جو مطالبو ڪيو آهي. سپريم ڪورٽ ۾ پڻ ميان دائود ايڊووڪيٽ الزامن جي اوپن ڪورٽ جاچ لاءِ درخواست ڏيئي ڇڏي آهي.

هي ملڪ سنڀاليو نٿو ٿئي، نه منتظمين کان ۽ نه ئي محافظن کان. ٻه صوبا ته دهشتگردي جي وڪڙ ۽ جڪڙ ۾ آهن. اتي دهشتگردن جا حملا جاري آهن ۽ هر حملي ڪانپوءِ ان تي سرهائي جو اظهار ڪيو ويندو آهي ته حملو ناڪام بڻايو ويو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته اسان تي جنگ مڙهي وئي آهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا جنگ صرف هٿيارن سان ئي وڙهي ويندي آهي؟ جنگ صرف محاذ تي ئي وڙهي ويندي آهي؟ جنگ گهڻ رخي انداز ۾ وڙهي ويندي آهي. جنگ جا حتمي فيصلا محاذ جي بدران ميز تي ٿيندا آهن. جنگيون ڪامياب سفارتڪاريءَ سان پڻ کٽيون وينديون آهن. هيستائين اسان صرف هٿيارن تي پاڙيو آهي. اها پڻ حقيقت آهي ته اسان جو ملڪ عالمي طاقتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. اسان کي صرف ۽ صرف پنهنجي ملڪي مفادن جي جنگ وڙهڻ گهرجي، پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته ائين نٿو ٿئي. هن ملڪ جي مجبورين دفاع ۽ پرڏيهي معاملن جا پٽي گدرا پنهنجي هٿ ۾ ڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سياستدانن تي ڀروسو نٿو ڪيو وڃي، ڪنهن ڪنهن سان وڙهنداسين؟ محاذ سان گڏ ميز جي به چونڊ ڪرڻي پوندي. اسان کي پنهنجون ڪوتاهيون به مڃڻيون پونديون. سيڪيورٽي جي ڪوتاهين جو پڻ اعتراف ڪرڻو پوندو. داسو ڊيم پراجيڪٽ تي ڪم ڪندڙ انجنيئرن تي اڳ به حملا ٿي چڪا آهن. چيني انجنيئرنگ جي ته فول پروف سيڪيورٽي جا انتظام هجڻ گهرجن ها. بارود سان ڀريل گاڏي ان حساس علائقي ۾ سيڪيورٽي جا سمورا اسپيڊ بريڪر عبور ڪري ٽارگيٽ تائين پهچي وڃي ٿي پر ان کان اڳ ڪٿي به ان جي رستي روڪ نٿي ٿئي. سوال اهو آهي ته اتي جي سيڪيورٽي جو انتظام ڪنهن جي حوالي آهي؟

ملڪ جي سياسي، انتظامي ۽ عدالتي وايومنڊل ۾ ٻڙڌڪ مچائيندڙ هڪ خبر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن جي گڏيل خط جي حوالي سان آهي، جنهن جو اسان مٿي ذڪر ڪري آيا آهيون. اهو ڪراچ جو معاملو نه آهي. هن ملڪ ۾ شايد ئي ڪو اهڙو ادارو هجي، جنهن ڳجهن ادارن جي مداخلت جون دانهون نه ٿينديون هجن. ايتري قدر جو عدليه مان به مختلف وقتن تي اهڙا الزام سامهون ايندا رهيا آهن. پڙهندڙن کي ياد هوندو ته بينظير ڀٽو جي حڪومت ڪيرائڻ لاءِ بي اعتمادي جي تحريڪ کي ڪامياب ڪرائڻ جي سلسلي ۾ "آپريشن مڊنائيٽ جيڪال" شروع ڪيو ويو هو ۽ خود ڳجهن ادارن جا عملدار حڪومتون ڊاهڻ جي لاءِ سياسي جماعتن جا مختلف اتحاد ٺهرائڻ جو پڻ اعتراف ڪندا رهيا آهن. مختلف وقتن تي اسيمبلي ميمبرن تي دٻاءُ وجهي انهن جي 'پاسا پلٽ' ڪرائڻ ۽ حڪومت جوڙائڻ وارا الزام به هڻ ۾ ايندا رهيا آهن. سياستدانن جون آڊيوز ۽ وڊيوز رڪارڊ ڪري بليڪ ميل ڪرڻ ۽ انهن کي مرضي موجب هلائڻ جا الزام پڻ ڳجهن ادارن تي لڳندا رهيا آهن. ڳجهن ادارن جي عدليه کان وٺي انتظاميا تائين مداخلت واري ڳالهه کي رد نٿو ڪري سگهجي پر اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 8 ججن مان 6 ججن طرفان گڏيل طور تي لکيل خط ۽ ان ۾ لڳايل الزامن جي حوالي سان ڪجهه سوال ضرور اٿاري سگهجن ٿا. معزز ججن ڏيڍ سال تائين آخر خاموشي ڇو اختيار ڪئي؟ هڪ مخصوص سياسي اڳواڻ کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ مان رليف ملڻ جي حوالي سان پڻ تبصرا ٿيندا رهيا آهن ۽ ان عدالت جي معزز ججن جو هڪ 'سياستدان' کي ڪنهن به ڪيس ۾ گرفتار نه ڪرڻ وارو عدليه جي تاريخ جو شايد نرالو فيصلو هو جڏهن اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس شوڪت عزيز صديقي هڪ وڏي ميڙ ۾ ڳجهن ادارن جي مداخلت جو الزام هنيو ته ان وقت ان ئي ڪورٽ جي ڪنهن به معزز جج ٻڙڪ نه ٻولي ۽ نه ئي وري مٿن پوندڙ دٻاءُ جو اظهار ڪيو. جڏهن جسٽس صديقي کي برطرف ڪيو ويو ان وقت به معزز ججن کي مداخلت نظر نه آئي. ان ئي عدليه جسٽس وقار سيٺ جي عدالت کي ئي غير قانوني قرار ڏيئي ڇڏيو هو جنهن عدالت پرويز مشرف کي ڦاسيءَ جي سزا ٻڌائي هئي. ڪيترن ئي سالن کان ڪيس هلائيندڙ اها خصوصي عدالت درست هئي پر فيصلي ٻڌائڻ ڪانپوءِ اها غير قانوني بڻجي وئي!

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڇهن معزز ججن طرفان ڳجهن ادارن تي مداخلت جي لڳايل الزامن بابت ضرور جاچ ٿيڻ گهرجي ۽ حڪومت کي پڻ ان حوالي سان واضح پاليسي جوڙڻي پوندي، ڇو ته ڪوبه قانون کان مٿاهون نه آهي. ڇو ته ملڪ مان دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ سخت اپاءَ وٺڻا پوندا. اها ڳالهه ملڪ جا اختيار ڌڻي به سمجهن ٿا ته اسان جو سيني پاسن کان گهيراءُ ڇو پيو ڪيو وڃي! ان ڪري سيئي گدرا مٽ ۾ ڪڻ بدران صرف پنهنجي حصي جو ڪم ڪيو وڃي.

مسئلستان بڻيل ملڪ ۽ سياست جا نرالا رنگ

ايم بي سومرو

ملڪ اندر دهشتگردي هڪ ڀيرو وري ڪر کڻي چڪي آهي. بلوچستان ۾ دهشتگرديءَ جون مسلسل ڪارروايون ٿي رهيون آهن. جڏهن ته داسو ڊيم تي ڪم ڪندڙ چيني انجنيئرن مٿان شانگلا پرسان 26 مارچ تي ٿيل دهشتگردن جي خودڪش حملي ۾ 5 چيني انجنيئر مارجي ويا آهن. وزيراعظم کي چيني سفارتخاني پهچي اسلام آباد ۾ مقرر چيني سفير کي دهشتگردن خلاف ڪارروائي جي خاطري ڪرائڻي پئي آهي. دهشتگردي جون ڪارروايون حڪومت لاءِ ان ڪري وڏو چيلينج بڻجي رهيون آهن، جو امن امان جي اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان اندر ڪير پرڏيهه مان اچي سرمائيڪاري ڪندو؟ اگر سرمائيڪاري نه ٿيندي ته پاڪستان جا ڳنڀير ٿيل معاشي چيلينج ڪيئن گهٽ ٿي سگهندا؟ هن حڪومت اڳيان رڳو دهشتگردي جو ئي چيلينج سامهون نه آهي. اگرائين چئجي ته هن حڪومت لاءِ هر هڪ ڏينهن ڪاميابي سان گذارڻ چيلينج آهي ته غلط نه ٿيندو. انهن مان ڪجهه چيلينج ته اهڙا آهن، جن کي منهن ڏيڻ جون ڪوششون ڪامياب به ٿي سگهن ٿيون ته اهي ڪوششون ناڪام ٿي مسئلن کي وڌيڪ ڳنڀير به بڻائي سگهن ٿيون. مثال طور پاڪستان ۾ چونڊن ۾ ڌانڌلي جون شڪايتون ڪا نئين ڳالهه نه آهي پر 8 فيبروري تي ٿيل چونڊن ۾ ڌانڌلي جي جاچ جو مطالبو آمريڪا کان به ٿيڻ لڳو آهي. جي يو آءِ سربراهه 23 قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جي تڪن تي ٿيندڙ ضمني چونڊ جي بائيڪاٽ جو اعلان ڪيو آهي ۽ جي يو آءِ چونڊ ڌانڌلي خلاف ميدان ۾ اچڻ جي رٿابندي ڪري رهي آهي. مولانا فضل الرحمان هڪ ڳالهه بار بار ورجائي رهيو آهي ته "هن پارليامينٽ ۾ عوام جا نمائندا گهٽ، اسٽيبلشمينٽ جا نمائندا وڌيڪ آهن". جڏهن چونڊن جي ساک تي ملڪ اندر ۽ ٻاهر اهڙا سوال اٿاريا پيا وڃن، تڏهن موجوده حڪومت جا ڪجهه قدم به ماڻهن کي انهن سوالن تي سوچڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهن. مثال طور نگران حڪومت ۾ ته اڻ ڌري ساک رکندڙ ئي مقرر ٿيندا آهن پر عام چونڊن بعد پنجاب ۾ نگران وڏي وزير طور ڪم ڪندڙ محسن نقوي کي سياسي حڪومت ۾ وفاقي گهرو وزير طور مقرر ڪرڻ تي ماڻهو سوال اٿاري رهيا آهن ته محسن نقوي کي موجوده حڪومت ڇو ايتري وڏي ذميداري ڏني آهي؟ نه رڳو ايترو، سنڌ مان فيصل واوڊا، جنهن ڪنهن پارٽي ۾ شموليت ئي نه ڪئي آهي، ان لاءِ چيو وڃي ٿو ته ڪيس ايم ڪيو ايم ووٽ ڏئي سينيٽر چونڊرائيندي. ائين نگران وزير اعظم انوارالحق ڪاڪڙ به سينيٽ چونڊ فارم ڀرائي چڪو آهي. ڏسجي ته ان کي ڪهڙين پارٽين جي ووٽ تي چونڊرايو وڃي ٿو! ائين نگران وزير کي به مارڪيٽ مان آڻي نائي وزارت جي ذميواري ڏني وئي آهي. سياسي پارٽيون ائين ڇو ڪري رهيون آهن؟ اها ته انهن کي ڄاڻ هوندي پر ملڪ ۾ ان عمل سان سياسي ۽ جمهوري قدرن تي سنجيده قسم جا سوال پيدا ٿي رهيا آهن. جن جي بظاهر ڪنهن سياسي پارٽي کي پرواهه لاحق نظر نٿي اچي.

سو ڳالهه پئي ڪئي چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف مولانا فضل الرحمان جي احتجاج جي تياري جي ان حوالي سان اوهان کي ٻڌائيندو هلان ته ان کان اڳ پي ٽي آءِ اسلام آباد ۾ جلسي ڪرڻ جو اعلان ڪري چڪي آهي پر ان کي اسلام آباد انتظاميا اجازت نه ڏئي رهي هئي. اها اجازت پي ٽي آءِ عدالت ذريعي حاصل ڪري رهي آهي. مطلب ته حڪومت خلاف ملڪ اندر سياسي طور احتجاجي تحريڪ تيز ٿيندي نظر اچي رهي آهي، جنهن سان ملڪ اندر سياسي عدم استحڪام جي صورتحال جنم وٺندي. نتيجي ۾ ملڪ اندر غير ملڪي سيڙپڪاري اچڻ ته مسئلو ٿي ويندو پر ملڪ اندر معاشي سرگرمين لاءِ اهو ماحول ڪارن ڪڪرن وانگر هوندو. چيلينج ته وزيراعظم لاءِ اتحادي حڪومت هلائڻ به آهي. نگران حڪومت جي دور ۾ جاري ٿيل آرڊيننس جي روشني ۾ وزيراعظم جلد بازي ۾ ارسا چيئرمين جي مقرري ڪئي ته ڪيس اتحادي پيپلز پارٽي جي نه رڳو سخت ردعمل کي منهن ڏيڻو پيو پر وزيراعظم کي ارسا چيئرمين جي مقرري جو حڪم نامو واپس وٺڻو پئجي ويو. اتحادين جي ان انداز تي مسلم ليگ (ن) جي صفن ۾ شڪايتون جنم وٺي رهيون آهن. جن جو اظهار تازو مسلم ليگ پنجاب جي صدر رانا ثناءَ الله ٽي وي پروگرام ۾ ڪري چڪو آهي.

گذريل هفتي مون "مسلم ليگ (ن) جي حڪومت ۾ اڻ ٽيڪڻون" جي عنوان سان ڪالم لکيو هو، جنهن ۾ نائين ۽ گهرو مامرن جي وزارت جي اهميت واضح ڪرڻ سان گڏ ماضي ۾ سياسي حڪومتن دوران انهن وزارتن جي حوالي سان روايتن جو به ذڪر ڪيو هو. نائين ۽ گهرو وزارت لاءِ نواز ليگ مان اڳواڻن جي چونڊ ڪرڻ بجاءِ مارڪيٽ مان سياسي طور غير واسطيدارن کي وزير لڳائڻ جو فيصلو ئي نرالو آهي. مسلم ليگ (ن) اهو نرالو فيصلو ڇو ڪيو؟ اها مسلم ليگ (ن) کي ئي خبر هوندي. مسلم ليگ (ن) ۾ نائين ۽ گهرو وزارت لاءِ مناسب اڳواڻ موجود هجڻ باوجود مسلم ليگ (ن) کي اهڙو فيصلو ڪرڻ جي ڪهڙي مجبوري لاحق هئي؟ اها به مسلم ليگ (ن) کي ئي ٻڌائي سگهي ٿي پر پاڻ کي رڳو اهو معلوم آهي ته ڪنهن به سياسي حڪومت جي ڪاميابي ۽ ناڪامي ۾ گهرو ۽ نائين جي وزارت جو اهم ڪردار هوندو آهي. اگر وزيراعظم سان اهي ٻئي وزارتون هڪ پيج تي نه هجن ته مسئلستان بڻيل ملڪ جي مسئلن ۾ گهٽتائي ٿيڻ بجاءِ مسئلا وڌي وڃ ٿيندا.

جيتوڻيڪ وفاقي ڪابينا ۾ آئيني طور تي وزير اعظم جي خوشنودي حاصل هجڻ تائين ڪو به وفاقي وزير رهي سگهي ٿو. پر اسان جي ملڪ ۾ سياست جا رنگ ئي نرالا نظر اچي رهيا آهن. وزيراعظم سان گهرو وزير جي اختلافن جا چوپول ٻڌڻ لاءِ ملي رهيا آهن. جيڪي نه رڳو سوشل ميڊيا، عام ڪچهرين پر ميڊيا ۾ خبرن جي زينت به بڻجي رهيا آهن. اگر مسلم ليگ (ن) جو ڪو اڳواڻ گهرو وزير هجي ها ته مقررين جي مامري تي ٻهريان ته وزارن جي همت نه ڪري ها پر محسن نقوي جي وزيراعظم سان اختلافن بابت ڳالهيون هلي رهيون آهن. رڳو ايترو ئي نه پر وزيراعظم جي سربراهي ۾ اي سي سي جي جوڙجڪ جو نوٽيفڪيشن جاري ٿيو ته ٻئي ڏينهن تي وزير اعظم کي اي سي سي جي نئين سرجوڙجڪ ڪري پاڻ کي ان جي سربراهي تان هٽائي نائي وزير کي چيئرمين مقرر ڪرائڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرائڻو پيو آهي. چيو وڃي ٿو ته نائي وزير جا ان نوٽيفڪيشن سبب پنهنجا اختيار گهٽ ٿيڻ جو تاثر پيدا ٿيو، جنهن تاثر کي ختم ڪرڻ لاءِ وزير اعظم اي سي سي جي سربراهي جي عهدي تان پاڻ کي هٽائي نائي وزير کي مقرر ڪيس هن حڪومت کي اڃان هڪ مهينو به مڪمل نه ٿيو آهي. آئندي ئي حڪومت جي چيف ايگزيڪيوٽو يعني وزيراعظم مٿان وزيرن جي بالادست يا طاقت ور هجڻ جو تاثر رڌڻ ۾ رولي جي امڪانن کي چٽو ڪري رهيو آهي. ان صورتحال تي ذهن ۾ سوال ان ڪري پيدا ٿين ٿا، جو چونڊن ۾ رليف جا عوام سان واعدا پارليامينٽ ۾ پهتل پارٽيون ڪري آيون آهن. هاڻي جڏهن آءِ ايم ايف کان نئين قرض وٺڻ جي تياري ٿي رهي آهي، آءِ ايم ايف جون ان قرض جي حاصلات لاءِ ڪهڙيون فرمائشون پوريون ٿيڻيون آهن. ان بابت سيني کي معلوم آهي. انهن فرمائشن سبب جيڪا مهانگائي ٿيڻي آهي، ان کان عام ماڻهو ڪيئن محفوظ ٿي سگهندا؟ اگر وزيراعظم جي رٽ نه هوندي، ڇا هن ڀيري به وقتي طور عام ماڻهن کي وسيع تر مفادن جي نالي تر مشڪل فيصلن جو بار برداشت ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو؟ ڇا بجلي، گيس، چوري ۽ لائين لاسز جي نج انتظامي نااهلي جو به بار عام ماڻهن کي برداشت ڪرڻو پوندو؟ ڇا ڪنهن جي حيثيت ٽيڪس ادا ڪرڻ جي قانوني طور نه هجي پر هن ڀيري به فائلر ۽ نان فائلر واري تلوار کي اڃان تيز ڪري هاري، مزدور جي کل لاهڻ لاءِ لٽڪائي ويندي؟ ڇا هن ڀيري به بنا ڪنهن سروي ۽ سوچ ويچار جي ملڪ ۾ ڪيش ڪراپ يعني نائي وارا فصل وڌ ۾ وڌ پوکڻ لاءِ هارين کي اتساهن لاءِ في مڻ جي قيمت ۾ غير معمولي اضافو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو؟ ان سان ڪيش ڪراپس جي پوکي ته جهجهي ٿي ويندي، سرڪار کي به پرڏيهه مان اهي جنسون خريد نه ڪرڻيون پونديون پر ڪران تي به ويچار ڪري ته خاص طور تي ڪڻڪ جي في مڻ جي قيمت ۾ غير معمولي اضافي سان انهن ڪروڙين ماڻهن تي مهانگائي جي ڪيتري ڳري چمپ ڪرندي، جيڪي ڪڻڪ ۽ چانور پوکيندا نه آهن ۽ مارڪيٽ مان وٺي کائيندا آهن. ڇا سرڪار نجي ملازمن جي پگهارن ۾ نجي شعبي کان اوترو اضافو ڪرائي سگهي ٿي، جيترو اضافو ڪڻڪ يا چانورن جي في مڻ جي قيمت تي ڪيو ويندو؟ هارين کي امدادي رقم جو حق به آهي پر سرڪار کي اهو ڪم ڪرڻ گهرجي، جيئن ان جو بار عام شهرين تي نه

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڇهن ججن سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي هڪ خط اماڻيو آهي. ان خط ۾ ڇهن ججن پاران گڏيل طور تي جيڪو موقف اختيار ڪيو آهي يا جيڪو مسئلو سپريم جوڊيشل ڪائونسل سامهون رهنمائي لاءِ رکيو آهي، اهو انتهائي حساس مامرو آهي. ريجهي تاريخ ۾ ڀهريون ان نوعيت جو مسئلو به اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج شوڪت عزيز صديقي منظر تي اچي اٿاريو هو. جنهن ڪري هن پنهنجي نوڪري وڃائي ڇڏي پر هن ڀيري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ڪنهن هڪ جج نه پر ڇهن ججن هو مامرو اٿاريو آهي. ان ڪري شوڪت عزيز صديقي جهڙي انهن خلاف ڪارروائي ٿيڻ هڪ ته آسان مامرو نه هوندو. ٻيو ڇهن ئي حساس ترين خط جي ڊرافٽنگ انتهائي مهارت سان ڪئي آهي. ان خط کي پڙهڻ سان بنيادي طور تي لڳي ٿو ته انهن ججن پنهنجي پاليسي سازاداري سپريم جوڊيشل ڪائونسل کان عدالتي ڪم ۾ ايجنسين ۽ انتظاميا جي مداخلت بابت رهنمائي گهري آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جسٽس محسن اختر ڪياني، جسٽس طارق محمود جهانگيري، جسٽس بابر ستار، جسٽس سردار اعجاز اسحاق، جسٽس ارباب محمد طاهر، جسٽس ثمن رفعت سميت 6 ججن جي خط تي صحيحن سان چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ۽ سپريم جوڊيشل ڪائونسل جي ميمبرن کي اماڻيو ويو آهي.

جنهن ۾ عدالتي مامرن ۾ انتظاميا، خاص طور تي ايجنسين جي مداخلت جي نشاندهي ڪئي وئي آهي ۽ تجويز ڏني وئي آهي ته انهيءَ مامري تي جوڊيشل ڪنوينشن گهرايو وڃي. جيئن باقي عدالتن ۾ به ايجنسين جي مداخلت جي باري ۾ معلومات سامهون اچي سگهي. اماڻيل خط ۾ سپريم جوڊيشل ڪائونسل کي آگاهه ڪيو ويو آهي ته عدالتي مامرن ۾ مداخلت بابت چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ کي 2023ع ۽ 2024ع تي خط لکيو. جيڪو به هن خط سان گڏ شامل ڪجي ٿو خط ۾ چيو ويو آهي ته. "آءِ ايس آءِ پاران ججن تي مسلسل دٻاءُ جو معاملو چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سامهون اٿاريو، جنهن تي هن چيو ته هي معاملو هو ڊي جي آءِ ايس آءِ سامهون اٿاري چڪو آهي ۽ هن اڳتي ائين نه ٿيڻ جي خاطري ڪرائي آهي پر ان باوجود آءِ ايس آءِ پاران مداخلت جاري رهي. عمران خان خلاف ٽيريان وائيٽ ڪيس نه ٻڌڻ جوڳو قرار ڏنو هو. جن ججن اختلاف ڪندي اهڙو فيصلو ڏنو، انهن تي آءِ ايس آءِ پاران ججن جي خاندان ۽ دوستن تي دٻاءُ وڌو ويو. ٽيريان وائيٽ ڪيس جو فيصلو ڏيندڙ ٻن ججن پنهنجي رهائشگاهه تي اضافي سيڪيورٽي گهري. هڪ جج کي دٻاءُ سبب هاءِ بلڊ پريشر جي ڪري اسپتال ۾ داخل ٿيڻو پيو. اهو معاملو چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۽ ان وقت جي چيف جسٽس پاڪستان عمر عطا بنديال جي سامهون به رکيو ويو هو. خط ۾ شوڪت عزيز صديقي جي الزامن جي جاچ جي مطالبي جي حمايت ڪئي وئي آهي. اماڻيل خط ۾ ڪجهه واقعن جا حوالا به ڏيندي ٻڌايو ويو آهي ته. "ججن کي ايجنسين ذريعي دٻاءُ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، دوستن ۽ رشتيدارن ذريعي دٻاءُ وڌو ويو. هڪ جج جي مائٽ کي 24 ڪلاڪ تائين حراست ۾ رکيو ويو. سندس خاندان جي نگراني ڪئي وئي، پٽ جي نگراني به شامل آهي. ماتحت عدليه جي ججن کي به ڌمڪيون ڏنيون ويون. هڪ ايڊيشنل سيشن جج کي ڌمڪيون ڏنيون ويون. گهر تي ڪريڪر حملو به ڪيو ويو. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي هڪ جج جي سرڪاري رهائشگاهه تي مرمت دوران لائيٽ هٽائڻ دوران اها ڳالهه سامهون آئي ته ان ۾ ڪئميرا لڳل هئي. ان سان گڏ هڪ سم ڪارڊ به لڳل هو. جنهن ذريعي جج جي ڊرائنگ روم جي آڊيو ۽ وڊيو ناهي منتقل ڪئي پئي وئي. اهڙي هڪ ڪئميرا جج جي گهر جي ماسٽر بيڊروم ۾ به لڳائي وئي هئي. اها ڪئميرا برآمد ڪئي وئي ته ان سان گڏ يو ايس بي لڳل هئي".

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي جج شوڪت عزيز صديقي بابت فيصلي ۾ ان جي رٽائر جج وارين سهولتون بحال ڪيون ويون پر ان جي لڳايل الزامن جي جاچ نه ٿي. هن خط بابت سپريم جوڊيشل ڪائونسل ڪهڙو فيصلو ڪري ٿي، ان لاءِ انتظار ئي ڪرڻو پوندو. باقي اگراهي الزام درست آهن ته پوءِ دنيا ۾ پاڪستان ۾ انصاف جي فراهمي واري عمل تي سواليا نشان لڳي ويندا. جنهن نظام ڪنهن ڪنهن جا انساني ۽ آئيني حق مجروح ڪيا. وارو مامرو تفصيلي جاچ جو گهرجائو هوندو. اهڙي جاچ ڪڏهن کان ٿيڻ گهرجي، ان بابت ماڻهو پاڪستان جي ابتدا کان شروعات ڪرڻ جو مطالبو ڪري سگهن ٿا.

ڪوئي ڪهي سپرين، ڪوئي ڪهڻ سان؛
نيزي هيٺان نينهن جي، پاسي ڪر مَ پاڻ؛
ڄَلُ، وڃائي ڄاڻ، عاشِقُ! اَڄَلُ سامهُون.

پريا ڪماري پاتال مان ٻاهر ڪئين ايندي

خاصخيلي لطيف راولاٽي

سنڌ ۾ ورهاڱي کان پوءِ جيڪي بچيل سنڌي هندو سنڌ جي مختلف شهرن ۾ آباد هئا ۽ پرامن طريقي سان پنهنجو ڪاروبار ۽ سنڌ جي خدمت ڪري رهيا آهن اها ڳالهه ڪنهن کان لڪل ڪونهي ورلي ڪو اهڙو واقعو يا دانهن ملي هجي ته ڪنهن سنڌي هندو ڪا زيادتي يا ڏوهه ڪيو هجي اهڙا واقعا گهٽ ٿي رونما ٿيا آهن هي سدائين پرامن ٿي رهيا آهن ۽ بنيادي طور تي ڪاروباري رهيا آهن جن جو واپار سنڌ کان ٻاهر ڏيساور ۾ آهي معاشي ۽ اقتصادي طور تي سنڌي مسلمانن کان مستحڪم رهندا اچن پر ڪافي سالن کان سنڌ جي ٻن ٽن ضلعن ۾ انهن سان مسلسل زيادتيون ٿينديون رهن ٿيون جن مان ڪي خبرون ميڊيا تي اچن ٿيون ته خبر پوي ٿي ته سنڌي هندوئن سان ظلم ۽ بربريت ٿي رهي آهي ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن اهي چو تا ٿين جن جو اڄ ڏينهن تائين ڪوبه خاطر خواهه جواب نه ملي سگهيو آهي هڪ ته اهڙيون خبرون تمام گهٽيون رڪارڊ ٿيون ته هندو ڇوڪرين مذهب مٽائي مسلمان ٿي فلاڻي نوجوان سان شادي ڪري ڇڏي ان تي ڇوڪرين جي مائٽن جو ردعمل ايندو هو ته انهن جي ڇوڪرين کي اغوا ڪري زوري مسلمان ڪيو ٿو وڃي اهڙا ڪافي واقعا ڪجهه سالن کان ٿي رهيا آهن ان جو نتيجو اهو نڪتو ته سوين خاندان لڏپلاڻ ڪري انڊيا هليا ويا ۽ اهو سلسلو اڄ ڏينهن تائين هلندڙ آهي اڄ به ڪافي خاندان ظلم ۽ زيادتين جي ڪري پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏيندا وڃن ٿا سجاڳ صحافين جي معلومات مطابق اهي خوشي سان اها ڌرتي ڇڏي نه رهيا آهن هتي هنن جو جان مال محفوظ نه آهي هر هفتي ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري هنن جي دوڪانن تان ڦر ٿي ڪئي وڃي ۽ انهن جا ماڻهو اغوا ڪري ڪين لکين روپيا ڀنگ جو مطالبو ٿو ڪيو وڃي يا وري هنن جي خوبصورت نوجوان صرف ڇوڪرين کي اغوا ڪري مذهب مٽائڻ لاءِ دٻاءُ وڌو وڃي ٿو اهڙي ٿي صورتحال تي سال اڳي سنگرار جو علائقو جيڪو سکر ضلعي ۾ آهي جتي هندو سنڌين جي گهڻائي آهي ۽ اهي به واپاري طبقي سان واسطو رکن ٿا ۽ اتي سيني ڌرين سان گڏجي هلن ٿا اخباري رپورٽ ۽ اتي جي صحافين جي خبرن مطابق ته ننڍڙي معصوم ٻار پريا ڪماري محرم جي مهيني ۾ احترام ڪندي سبيل ورهائڻ وئي جنهن اتي جي ئي باائر ظالم صفت انسانيت جي دشمن ننڍڙي پريا کي اغوا ڪري لڪائي ڇڏيو آهي جنهن جي اڄ ڏينهن تائين ڪا به خبر نه پئجي سگهي آهي ته اها ڪٿي ۽ ڪهڙي هنڌ آهي ان کي ڪهڙي مقصد لاءِ اغوا ڪيو ويو آهي اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به قسم جي پماند نه ٿي آهي ۽ نه ئي اغوا ڪندڙن مائٽن کان تاوان وغيره جي گهر ڪئي آهي مسلسل مات جئين ڪا انڌي گولي اچي ڪري زخمي ڪري هلي وڃي هتي به ڪجهه معاملو اهڙو ئي آهي ڇوڪري جا والدين گذريل ٽن سالن کان مختلف ادارن انساني حقن جي تنظيمن حد جي ايم اين اي ۽ ايم پي اي سنڌ پوليس سياسي سماجي اڳواڻن کي درخواستون ڪري چڪا آهن ته هنن جي معصوم نياڻي کي ظاهر ڪيو وڃي ته اها ڪٿي آهي ۽ ڪنهن جي قيد و بند ۾ آهي پر ڪنهن به ڪو خاطرخواهه جواب اڄ ڏينهن تائين ملي نه سگهيو آهي سوشل ميڊيا تي به اڪثر ڪري ان جون پوسٽون هونديون آهن پريا ڪماري کي آزاد ڪريو پر ان جو ڪوبه ڪڙتيل نه نڪري سگهيو آهي ۽ نه ان جا ڪي درست پيرا ملن ٿا ته اها معصوم نينگر ڪٿي ڪهڙي ضلعي ۽ ڪنهن وٽ ٻانهي بڻيل آهي انتظاميه انهي ڏس ۾ مڪمل فيل وئي آهي ۽ ڪوبه واضح ثبوت هٿ نه ڪري سگهي آهي ته اها ڪٿي آهي هاڻي ٻيهر ان مسئلي کي نئين سري سان کنيو ويو آهي ۽ هڪ ڀيرو وري ان ڪيس کي اٿلايو ويو آهي ته پريا ڪماري کي آزاد ڪريو حد جون سياسي ۽ سماجي تنظيمون ۽ ادارا حرڪت ۾ اچي ويا آهن ۽ ڳولا شروع ڪئي وئي آهي ميڊيا تي به خبرون گشت ڪري رهيون آهن احتجاجي مظاهرا به ٿين پيا پر ڪوبه واضح ڏس پتو نٿو ملي ته معصوم پريا ڪٿي آهي ان اهم مسئلي کي ڪير حل ڪندو يا وري پريا جا به مائٽ ۽ خاندان ٻين وانگر پنهنجي ڌرتي پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي هليا ويندا جو هنن کي به ڌمڪيون ملي رهيون آهن خاموش ٿي ويهو نه ته ٻي صورت ۾ سنڌ ڇڏي وڃو هاڻي ڏسون ٿا سنڌ حڪومت ڳجها ادارا انساني حقن جون تنظيمون سماج سڌارڪ جا تا ڪن ان اهم ۽ نازڪ مسئلي کي ڪيئن ٿا حل ڪن ۽ معصوم پريا ڪماري آزاد ٿي مائٽن جي حوالي ٿئي اڃان تائين انهي ڏس ۾ ڪوبه اهڙو قدم نه کنيو ويو آهي سواءِ سنڌي ميڊيا جي جيڪا ان مسئلي کي روزانو پنهنجن اخبارن ۽ ان سان لاڳاپيل چئنل تي نشر ڪري رهي آهي ۽ مسلسل آواز اٿاري رهي آهي ته پريا ڪماري کي آزاد ڪريو انهي ڏس ۾ سوشل ميڊيا به پنهنجو ڪارائتو ڪردار ادا ڪري رهي آهي

بقايا 01 ***

وچ ۾ واپار ۽ اقتصادي لاڳاپا وڌيڪ مضبوط بنائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو. صدر آصف زرداري ۽ برطانوي هاءِ ڪمشنر ٻطرفي اهميت جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ملاقات دوران صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان ۽ برطانيه وچ ۾ خوشگوار لاڳاپا آهن. پاڪ برطانيه لاڳاپن کي اعليٰ سطحي رابطن ۽ عوامي لاڳاپن کي هٿي ملي آهي. معيشت جو استحڪام اولين ترجيح آهي. روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ" غربت جي خاتمي تي ڌيان ڏنو ويندو. آصف علي زرداري وڌيڪ چيو ته موسمياتي تبديلي پاڪستان جي لاءِ سنگين چيلينج آهي. پاڪستان موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيندڙ ملڪن ۾ شامل آهي. پاڪستان ۾ شمسي ۽ هوائي توانائي جي وڏي صلاحيت موجود آهي. شمسي ۽ هوائي ذخيرن سان ملڪي توانائي جون ضرورتون پوري ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. صدر آصف زرداري ملاقات دوران برطانوي بادشاهه ۽ شهزادي ڪيٽرين مڊلٽن لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار پڻ ڪيو. جين ميريٽ صدر آصف علي زرداري کي پاڪستان جي صدر جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد پڻ ڏني.

بقايا 02 ***

طرفان رعايت ڏيڻ هوندي. اٽارني جنرل فوجي عدالتن کي محفوظ ٿيل فيصلو ٻڌائڻ جي مشروط اجازت ڏيندي هدايت ڪئي ته صرف اهڙن ڪيسز جا فيصلا ٻڌايا وڃن جن ۾ نامزد ماڻهو عيد کان اڳ آزاد ٿي سگهن ٿا. اٽارني جنرل يقين ڏياريندي چيو ته گهٽ سزا وارن کي قانوني رعايتون ڏنيون وينديون. فيصلو ٻڌائڻ جي اجازت اپيلن تي حتمي فيصلي سان مشروط هوندي. سپريم ڪورٽ ڪي پي حڪومت جون اپيلون واپس وٺڻ جي استدعا به منظور ڪري ورتي. ڪي پي حڪومت سويلين جو ٽرائل ڪالعدم قرار ڏيڻ جي خلاف داخل اپيلون واپس وٺڻ جي استدعا ڪئي هئي. عدالت 3 سالن کان گهٽ سزا ماڻيندڙن جا تفصيل به طلب ڪري ورتا. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ڪوشش ڪريو ته عيد کان 3 چار ڏينهن اڳ انهن کي آزاد ڪيو وڃي. اٽارني جنرل جواب ڏنو ته صحيح آهي اسان ڪوشش ڪنداسين. عدالت اٽارني جنرل کي عمل ڪرڻ جي رپورٽ جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي اپيل جي چوٿين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 03 ***

2 وڳي ملاقات ٿي آهي. اٽارني جنرل ۽ مان به ملاقات ۾ شريڪ هئاسين وزيراعظم ۽ چيف جسٽس وچ ۾ ملاقات ڏيڍ ڪلاڪ تائين جاري رهي. اعظم نذير تارڙ ٻڌايو ته وزيراعظم ملاقات دوران چيو ته عدليه جي آزادي لاءِ ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو ويندو. اهڙي معاملي جي جاچ ٿيڻ گهرجي. اعظم نذير تارڙ چيو ته سڀاڻي ڪابينه جو اجلاس ٿيندو. ڪابينه ڪميشن آف انڪوائري جي تحت ڪميشن اپوائنٽ ڪندو ڪوشش هوندي ته ڪنهن به رٽائرڊ نيڪ نالي جج کان انڪوائري جي درخواست ڪئي وڃي. هن ٻڌايو ته وزيراعظم سڀاڻي ڪابينه جي سامهون معاملو رکندو. ڪميشن جا ٽي او آر مشاورت سان اٽارني جنرل طئي ڪندا. اصولي فيصلو ڪيو ويو آهي ته ڪميشن ناهيو وڃي، سپريم ڪورٽ جي سينئر ترين رٽائرڊ ججز جي نالن تي غور کان پوءِ ڪميشن ناهيو ويندو. اعظم نذير تارڙ چيو ته ڪميشن جو سربراهه ڪير هوندو، وقت کان اڳ نالو نٿو ڪٿي سگهان، ايندڙ ٻن کان ٽن ڏينهن ۾ ڪميشن جي سربراهه جي نالي جو اعلان ڪيو ويندو. وفاقي وزير چيو ته ڳالهين جو مقصد اهو هو ته ملڪ ۾ قانون ۽ نظام موجود آهي. اهڙي طرح جي معاملن جي جاچ وفاقي حڪومت ڪرائيندي آهي. چيف جسٽس صاحب معاملو فل ڪورٽ جي سامهون رکيو وڌيڪ بهتر به اهوئي حل هو ته ڪميشن ناهيو وڃي. هن چيو ته ججز جو خط، مس ڪنڊڪٽ بابت آهي قانون جي وزير هجڻ جي حوالي سان انهي سوال جو جواب ڏيڻ کان پاسو ڪندس. انهي سوال جو جواب به ڪميشن ۾ ئي اچڻ گهرجي. جيڪڏهن ڳالهيون صحيح آهن ته جاچ ٿيڻ گهرجي، جيڪڏهن ڳالهيون صحيح نه ٿيون ته پوءِ ڇا ٿيندو؟ هي انتهائي سنجيده معاملو آهي.

بقايا 04 ***

۾ وڌيڪ ميمبر شامل ڪرڻ جو امڪان آهي. ذريعن مطابق سنڌ ڪابينا ۾ واڌ جو فيصلو ڪيو ويو، ڪابينا ۾ وڌيڪ 6 وزير، صلاحڪار، خاص مددگار شامل ٿيندا. 6 کان 8 اپريل تائين سن ڪابينا ۾ واڌ جو امڪان آهي. هڪ هندو ۽ هڪ عورت ميمبر کي وزارت ملڻ جو امڪان آهي. سنڌ ڪابينا ۾ صلاحڪار شامل ڪري اهم ڪاتا ڏنا ويندا. جڏهن ته ڪابينا ۾ مرحليوار خاص مددگار شامل ٿيندا.

بقايا 05 ***

ٿي. انهي ملاقات ۾ قانون وارو وزير اعظم نذير تارڙ ۽ اٽارني جنرل منصور اعوان به شريڪ ٿيا. وزيراعظم شهباز شريف سان چيف جسٽس جي ملاقات هڪ ڪلاڪ 25 منٽ جاري رهي. جنهن کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف سپريم ڪورٽ مان واپس روانو ٿي ويو. ذريعن موجب چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ وزيراعظم سان ملاقات کان پوءِ فل ڪورٽ اجلاس ٻيهر طلب ڪري ورتو. چيف جسٽس جي چيمبر ۾ سمورا ججز 4 وڳي ملاقات ڪندا. ياد رهي ته 26 مارچ تي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي 6 ججز عدالتي ڪمن ۾ ڳجهن ادارن جي مبينه مداخلت ۽ دٻاءُ ۾ آڻڻ بابت سپريم جوڊيشل ڪونسل کي لکيل خط سامهون آيو هو

بقايا 06 ***

به شامل آهي. جنرل سيٽن تي ن ليگ جو سيدال ناصر ۽ آغا شاهزيب دراني سينيٽر چونڊجي ويا. پ پ جو سردار عمر گرگيچ، نيشنل پارٽي جو جان بليدي به جنرل سيٽ تي سينيٽر چونڊجي ويو. عوامي نيشنل پارٽي جو اڳواڻ ايمل ولي بلوچستان مان بنا مقابلي سينيٽر چونڊجي ويو. جڏهن ته جي يو آءِ ف جو احمد خان به بنا مقابلي سينيٽر چونڊجي ويو عورتن جي سيٽن تي ن ليگ جي راحت جمالي ۽ پ پ جي حسنه بي بي سينيٽر چونڊجي وئي.

بقايا 07 ***

آفيسر سان سندس تعارف ڪرايو ويو. ملاقات دوران علائقائي سامونڊي سلامتي سان لاڳاپيل معاملن ۾ پاڪ بحريه جي آپريشنل تيارين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. امير البحر وزيراعظم کي پاڪ بحريه جي ڪردار، صلاحيتن ۽ مستقبل ۾ جدت آڻڻ جي منصوبن کان آگاهه ڪيو. بعد ۾ ڊپٽي چيف آف نيول اسٽاف (آپريشنز) پاران موجوده سامونڊي صورتحال، پاڪ بحريه کي درپيش چئلينجز ۽ انهن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪ بحريه جي ردعمل بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. وزيراعظم کي خاص طور تي ميري ٽائيم شعبي ۾ ملڪ کي درپيش موجوده ۽ مستقبل جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ پاڪ بحريه جي صلاحيت ۾ اضافي جي لاءِ ضرورتن بابت آگاهه ڪيو ويو ان کي ميري ٽائيم سيڪٽر جي معاشي امڪانن مان فائدو کڻڻ جي قدمن کان پڻ آگاهه ڪيو ويو. وزيراعظم محدود وسيلن جي باوجود ملڪ جي سامونڊي مفادن جي تحفظ جي لاءِ پاڪ بحريه جي خدمتن کي ساراهيو. هن نيول ايئربيس تربت تي تازي دهشتگرد حملي کي ناڪام بڻائڻ جي لاءِ پاڪ بحريه جي پيشيوارانه ردعمل کي خاص طور تي ساراهيو. وزيراعظم زور ڏنو ته ملڪ کي درپيش سمورن چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مضبوط معيشت اهم حيثيت رکي ٿي. آخر ۾ وزيراعظم پاڪ بحريه جي ڪمانڊ آپريشن سينٽر جو دورو پڻ ڪيو نيول چيف وزيراعظم جي دوري ۽ بحريه تي اعتماد جو اظهار ڪرڻ تي ٿورا مڃيا. هن يقين ڏياريو ته پاڪ بحريه سبحان الله تعاليٰ جي مدد سان ملڪ جي سامونڊي سرحدن ۽ سامونڊي مفادن جو دفاع جاري رکندي ۽ امن ۽ جنگ ٻنهي جي ذميوارين کي بهترين انداز ۾ نڀائيندي.

بقايا 08 ***

ڪئنال کي 7 هزار 2 سئو ڪيوسڪ پاڻي ملي رهيو آهي، سنڌ ۾ فصلن جي پيداوار لاءِ پاڻي جي ڪوٽ نه ڪئي وڃي. وزير چيو ته سنڌ جي ٻين ڪئنالن ۾ 70 سيڪڙو تائين پاڻي جي ڪوٽ آهي. روٽيشن پروگرام تحت فصل ۽ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي يقيني بڻائي رهيا آهيون. هن چيو ته ايل بي او ڊي، ڊررو پران، هاڪرو ڊرين مان مينهن جو پاڻي ڪڍڻ جي الڳ اسڪيم بڻائي رهيا آهيون. اسڪيم جي تحت آر ڊي 210 تي وڏو گيٽ لڳايو ويندو، وزير چيو ته لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنرز کان ايل بي او ڊي، ڊررو پران، هاڪرو ڊرين جي رپورٽ گهري آهي. ڊي سي ميرپورخاص ڊررو ۽ پران نالن تان قبضا هٽائڻ تي ڪم ڪن.

بقايا 09 ***

ڏني. بابر اعوان جو نالو ڊسمبر 2023ع ۾ القادر ٽرسٽ جي ڪري اي سي ايل ۾ شامل ڪيو ويو هو. وفاقي ڪابينا ذيلي ڪميٽي اي سي ايل جي سفارشن جي روشني ۾ منظوري ڏني.

بقايا 10 ***

هاءِ ڪميشن جي پوليٽيڪل قونصلر مس زوئي ويئر سان ملاقات دوران ڳالهائيندي چيو. مس زوئي ويئر مسلم ليگ (ن) جي حڪومت ٺاهڻ ۽ عطاءَ الله تارڙ کي اطلاعات واري وزارت جو قلمدان سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ لاڳاپن، ميڊيا جي شعبن ۾ تعاون جي فروغ سميت مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. اطلاعات واري وفاقي وزير ان موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته مس انفارميشن، ڊس انفارميشن ۽ فيڪ نيوز پوري دنيا جو مسئلو آهي ۽ ان تي ضابطو آڻڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته سوشل ميڊيا تي سڀ کان وڏو چئلينج جعلي خبرون آهن. صحافين کي سوشل ميڊيا تي تصديق جي عمل کي اختيار ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته سوشل ميڊيا بابت پوري دنيا کي گڏجي ضابطه اخلاق تيار ڪرڻو پوندو ملاقات ۾ فلم ۽ ڊراما جي شعبن ۾ تعاون تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. مس زوئي ويئر پاڪستان ۽ برطانيا جي وچ ۾ ٻطرفن لاڳاپن جي فروغ جي لاءِ پنهنجي ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا 11 ***

ڪاتي مطابق ڊائريڪٽرز ۽ ڊسٽرڪٽ آفيسرز لاءِ قائم سرچ ڪاميٽي جو چيئرمين تعليم وارو وزير هوندو، سنڌ جي سيڪريٽري ايجوڪيشن ۽ چيف پروگرام مئنيجر آر ايس يو سرچ ڪميٽي جا ميمبر هوندا. ٽي اوز جي مقرري لاءِ قائم سرچ ڪميٽي جو چيئرمين اسپيشل سيڪريٽري هوندو. تعليم ڪاتي مطابق اهل آفيسر عهدن لاءِ اپلائي ڪندا. جن کي ميرٽ مطابق مقرر ڪيو ويندو. اهم آفيسرن کي ويٽنگ پول ۾ رکيو ويندو ۽ ضرورت تحت عهدن تي مقرريون ڪيون وينديون. جڏهن ته سرچ ڪميٽي جي قيام سان هاڻي سڌي طرح آفيسرن کي عهدن تي مقرر نه ڪيو ويندو، سردار شاهه چيو ته سرچ ڪاميٽي مان اهل قرار ڏنل آفيسرن کي انتظامي معاملا هلائڻ جي حوالي سان ٽريننگ به ڏني ويندي.

بقايا 12 ***

پيو وڃي. اورينج لائن ۽ گرين لائين کي ڳنڍڻ لاءِ شٽل سروس شروع ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي ڪمال دايو، ٽرانس ڪراچي جي وقتي سي اي او شمائلا محسن، ريڊ لائن، اورينج لائن، ييلو لائن جا عملدار ۽ عالمي ڪنسلٽنٽ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ ڳالهائيندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شروعاتي طور تي عيد کانپوءِ شٽل سروس نمائش کان ٽاور تائين ڏني ويندي، انو ڀائي پارڪ کان جناح وومين ڪاليج تائين شٽل سروس مفت فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته وفاقي حڪومت پي ايس ڊي پي پراجيڪٽ تحت 18 بلين ماليت جي 300 بسن جو واعدو ڪيو هو. پي ايس ڊي پي پراجيڪٽ تحت بسز جي فراهمي لاءِ وفاقي حڪومت سان ڳالهايو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي تي نگران حڪومت ڌيان نه ڏنو جنهن سبب ڪم دير جو شڪار ٿيو، سيني اسٽيڪ هولڊرز جي ڪوشش سان ريڊ لائن بي آر ٽي جو ڪم هڪ ڀيرو ٻيهر تيزي سان شروع ڪرڻ وارا آهيون. چاهيون ٿا ته ريڊ لائن بي آر ٽي جو ڪم جلد مڪمل ٿئي ۽ عوام کي فائدو پهچي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت هاڻي انٽرسٽي بس سروس شروع ڪرڻ جي منصوبن تي ڪم ڪرڻ واري آهي. بين الضلاعي ٽرانسپورٽ پراجيڪٽ تحت عوام جي سهولت لاءِ 500 بسون خريد ڪيون وينديون. هن چيو ته ييلو لائن بس سروس لاءِ ڪم تيزي سان جاري آهي. اميد آهي ته جلد عوام ييلو بس سروس مان فائدو وٺندو شرجيل انعام ميمڻ موجب سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي کان حيدرآباد، ميرپورخاص کان حيدرآباد، لاڙڪاڻي کان سکر، لاڙڪاڻي کان قمبر شهدادڪوٽ به بسون هلايون وينديون.

بقايا 13 ***

حتمي لسٽ جاري ڪري ڇڏي. سنڌ ۾ سينيٽ جي 12 سيٽن تي چونڊ ٿينديون، ان لاءِ 20 اميدوارن جي حتمي لسٽ جاري ڪئي وئي آهي. سينيٽ جي 7 جنرل سيٽن لاءِ 11 اميدوار مقابلو ڪندا جن ۾ پيپلزپارٽي جا 6، ايم ڪيو ايم جو هڪ ۽ 4 آزاد اميدوار شامل آهن. عورتن جي ٻن سيٽن لاءِ ٽن اميدوارن ۾ مقابلو هوندو. عورتن جي سيٽن لاءِ پيپلزپارٽي جون 2 ۽ هڪ آزاد اميدوار ميدان ۾ آهن. ٽيڪنوڪريٽ جي ٻن سيٽن لاءِ پيپلزپارٽي جا 2 ۽ 2 آزاد اميدوار آمهون سامهون آهن. سنڌ مان اقليت جي هڪ سيٽ لاءِ ٻن اميدوارن ۾ مقابلو آهي. جن ۾ هڪ پيپلزپارٽي جو ۽ هڪ آزاد اميدوار ميدان ۾ لٿل آهي.

بقايا 14 ***

ڪٽهڙي ۾ آڻڻ لاءِ پرعزم آهي. هفتيوار پريس بريفنگ دوران ممتاز زهرا بلوچ چيو ته بشام ۾ دهشتگرداڻي حملي بعد حڪومت چيني حڪومت سان رابطي ۾ آهي جنهن جي نتيجي ۾ پنج چيني شهري مارجي ويا. سندس چوڻ هو ته اهڙا حملا دهشتگردي کي منهن ڏيڻ واري عزم کي هٿي ڏين ٿا. پاڪستان ۽ چين ويجها ۽ دوست ملڪ آهن. هن چيو ته اسان کي ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته بشام حملو پاڪستان ۽ چين دوستي جي دشمن ڪيو هو. اسان گڏجي اهڙن حملن خلاف ڀرپور طريقي سان ڪارروائي ڪنداسين ۽ کين شڪست ڏينداسين. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته گڏيل قومن ۾ جنگ بندي جو ٺهراءُ منظور ٿيڻ ڪانپوءِ به اسرائيل جون فلسطينين خلاف ڪارروايون جاري آهن. فلسطيني ڏڪار ۽ نسل ڪشي کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن مطالبو ڪيو ظلمن کي روڪرايو وڃي ۽ امدادي ٽيمن کي غزا ۾ وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا 15 ***

ڊپارٽمينٽ جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته آمريڪا پاڪستان جي صاف توانائي جي صلاحيت کي 4 هزار ميگا واٽ تائين وڌائڻ ۾ مدد ڪئي آهي، آمريڪي منصوبن سان اڄ ڪروڙين پاڪستانين جي گهرن تائين بجلي فراهم ٿي رهي آهي. ميٿيو ملر چيو ته پاڪستان ٻين ملڪن سان گڏجي ڪم ڪري رهيو آهي ته جيئن اڄ جي سڀ کان اهم ماحولياتي چئلينجن خاص ڪري پاڻي جي انتظام کي منهن ڏئي سگهجي. ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پريس بريفنگ ۾ آمريڪي پرڏيهي کاتي جي ترجمان کان جڏهن پاڪ ايران گيس پائيپ لائين بابت سوال ڪيو ويو ته هن چيو ته هو ڪنهن به ممڪن ڪارروائي تي تبصرو نٿو ڪري سگهي. پر هو سيني کي مشورو ڏئي ٿو ته هو ڪاروبار ڪن. ايران سان آمريڪي پابندين جو خطرو ٿي سگهي ٿو.

بقايا 16 ***

کي خطاب ڪندي روسي صدر ولاديمير پيوٽن واضح ڪيو ته روس نيٽو ملڪن يا يورپ تي حملو نه ڪندو. هن چيو ته پولينڊ، بالٽڪ رياستن يا چيڪ خلاف روس جا ڪا ارادا ناهن. روسي صدر چيو ته ڊوڪي ٻاز دفاع جي نالي تي پنهنجي عوام کان واڌو رقم اوڳاڙيندا آهن. ان موقعي تي روسي صدر پيوٽن "روس رڳو روسين جو آهي" جهڙا جملا چوڻ وارن کي به خبردار ڪيو ۽ چيو ته روس مختلف قومن ۽ مذهبن جي مڃن وارن جو ملڪ آهي. مسلمان ۽ يهودي به اسان جا پاڻ آهن.

بقايا 17 ***

انهن چيو ته اسان وٽ عدالتي حڪم موجود آهن. پوءِ به گاڏي روڪي وئي. لطيف کوسه چيو ته انهن کي اسان جي صحت جو ڏونڊ خيال آهي، هي چاهين ٿا ته اسان هلي اچون. اسان گوڏانا ماڻهو آهيون. اسان کي هلڻ هوڻ به پسند آهي.

بقايا 18 ***

جو نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو جنهن جي مطابق گهرايل ڪڻڪ مان تيار ٿيل ڪڻڪ جو اٽو موڪلڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. حڪومت اٽو موڪلڻ جي اجازت ايڪسپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جي سهولت جي اسڪيم 2021ع تحت ڏني ۽ ايڪزيڪيوٽو آرڊر 2022ع جي ترميم تحت ٿيو. حڪومت ذريعن مطابق ملڪ ۾ ڪڻڪ موجود آهي. جڏهن ته گذريل سال ڪڻڪ جي پيداوار 32.1 ملين ٽن حاصل ڪيو ويو هو. حڪومتي ذريعي مطابق ڪڻڪ مقرر ٿيل 1.8 فيصد وڌيڪ ٿي آهي.

بقايا 19 ***

جو ڪر ڏئي ڇڏيو هو آزادي مارچ کان پوءِ ڪارڪنن کي اڊيالا جيل جي گيٽ 3 نمبر کان ٻاهران گرفتار ڪيو ويو. پوليس موجب جوابدارن کي 16 ايم پي او جا حڪمن جي تحت گرفتار ڪيو ويو ايم پي او جا حڪم راولپنڊي جي ڊپٽي ڪمشنر جاري ڪيا هئا. جوابدارن حساس اداري جي آفيس جي گيٽ تي حملي جي ڪيس ۾ نامزد آهن جن ۾ اسد، ابرار، رضوان، احمد علي، سجاد، آصف، رضوان ۽ سهيل شامل آهن. ياد رهي ته گذريل ڏينهن سپريم ڪورٽ 5 جڏهن ته دهشتگردي جي انت واري عدالت 19 جوابدارن جي ضمانت منظور ڪئي هئي.

بقايا 20 ***

ميئر ڪراچي جو چوڻ هو ته شهر ۾ جڏهن به ڪا خرابي ٿئي ٿي ته ذميوار ڪي ايم سي کي چيو وڃي ٿو. اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي ته ڪراچي شهر جو ڪيترو حصو ڪي ايم سي ۾ اچي ٿو. هن چيو ته پاڻي واٽر بورڊ جي بلن جي ادائگي سان اچي ٿو ٽيڪس ادا ڪرڻ سان نٿو اچي، ڪي اليڪٽرڪ سان ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۾ ڪنٽونمينٽ جا علائقا شامل ناهن. هن چيو ته شهرين پاران واٽر بورڊ جا بل ادا نه ڪرڻ افسوسناڪ آهي. ملڪ کان ٻاهر رهندڙ پاڪستاني سمورا ٽيڪس ادا ڪندا آهن. واپس ملڪ اچڻ تي سڀ اصول وساري ويهندا آهن.

بقايا 21 ***

ڏکڻ لبنان جي ڪيترن ئي شهرن ۽ ڳوٺن تي هوائي حملا ڪيا. ٻئي طرف لبناني تنظيم حزب الله جو چوڻ آهي ته ان جي ويڙهاڪن اسرائيل جي 769 هين برگيڊ جي هيڊ ڪوارٽر ڪريت شمونا ٻيرڪن ۽ ٻين ڪيترن ئي اسرائيلي هنڌن تي راڪيٽ فائر ڪيا. جن ۾ روويسات العالم، بارانيت، موسڪوف آم ۽ ٻيا شامل آهن. رهيم آهي. لبناني سيڪيورٽي ذريعن موجب حزب الله ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪرين دوران 388 لبناني مارجي ويا، جن ۾ حزب الله جا 247 ميمبر ۽ 73 شهري شامل آهن.

بقايا 22 ***

مندرائي ۾ گهرو اڻبڻت تان پياءُ علي حسن مندرائي تي ٽي پسٽل جا فائر ڪري 18 ورهين جي پيٽ کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي بعد جوابدار فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي قتل ٿيل عورت جو لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو قتل جي حوالي سان پوليس جو چوڻ آهي ته واقعو گهرو اڻبڻت تان پيش آيو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي

بقايا 23 ***

طرفان تحريڪ انصاف جي 11 اڳواڻن کي عمران خان سان ملاقات جي اجازت ڏني وئي آهي جنهن ۾ بيرسٽر گوهر، شعيب شاهين، شير افضل مروت، فيصل جاويد، زرتاج گل، عمير نيازي ۽ ٻيا شامل آهن. ٻئي طرف پي ٽي آءِ اڳواڻ بيرسٽر گوهر اڊيالا جيل جي ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته سمورين گاڏين کي وڃڻ جي اجازت آهي پر اسان جون گاڏيون روڪيون ويون آهن. عمران خان سان ملاقات جي لاءِ هڪ ڪلوميٽر پنڌ وڃڻو پوندو آهي. بيرسٽر گوهر چيو ته رستن جي بندش جي حوالي سان اسان جيل سپرنٽينڊنٽ کي آگاهه ڪيو ۽ درخواست به ڏني آهي ته اسان کي دستاويزات کڻي وڃڻ جي اجازت ڏني وڃي.

بقايا 24 ***

ٿي شناختي ڪارڊ ڊليوري جي مدت 23 ڏينهن گهٽ ڪري صرف 15 ڏينهن ڪئي آهي. تفصيل مطابق نيشنل ڊيٽا بيس ۽ رجسٽريشن اٿارٽي عوام کي هڪ سهولت فراهم ڪئي آهي. نادرا سوشل ميڊيا سائيٽ تي پيغام ۾ چيو ته ارجنٽ شناختي ڪارڊ جي درخواست تي ڊليوري جي مدت بغير ڪنهن به اضافي فيس جي 23 کان گهٽ ڪري 15 ڏينهن ڪري ڇڏي آهي. نادرا چيو ته شهري شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ ارجنٽ درخواست جمع ڪرائڻ صرف 15 ڏينهن ۾ شناختي ڪارڊ حاصل ڪرائي. ان کان پهريان نيشنل ڊيٽا بيس ۽ نيشنل رجسٽريشن اٿارٽي نادرا مختلف ڪيٽيگري جا شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ فيسن جو اعلان ڪيو جنهن مطابق نارمل شناختي ڪارڊ جي فيس 750 ۽ ارجنٽ ڪارڊ جي فيس 18 سئو روپيا مقرر ڪئي وئي آهي. ان کان علاوه ايگزيڪيوٽو شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ 25 سئو روپيا چارج رکي وئي آهي.

بقايا 25 ***

۾ رولو ڪتن خلاف ڪارروائي ۽ ويڪسين جي عدم فراهمي بابت درخواست تي ٻڌڻي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٿي. اينٽي ريبز ڪنٽرول پروگرام جي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر جواب جمع ڪرائيندي چيو ته ڪتن جي چڪڻ جي واقعن جي شڪايت لاءِ ٺاهيل هيلپ لائن 1093 بحال ڪئي وئي آهي. عدالت ۾ جمع ڪرايل جواب ۾ ٻڌايو ويو ته جنوري 2022 کان مارچ 2024 تائين 19 هزار کان وڌيڪ ڪتن کي ويڪسين لڳائي وئي، چار ضلعن ۾ ريبز ڪنٽرول سينٽر ٺاهيا ويا آهن. رولو ڪتن جي وڌندڙ آبادي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ قانون ٺاهيا ويا آهن. جواب ۾ چيو ويو ته صوبي جي هر ضلعي ۾ ڊاگز پاپوليشن ڪنٽرول سينٽر ٺاهيا ويندا، 29 فيبروري تي هر ضلعي ۾ ڊاگز پاپوليشن ڪنٽرول سينٽر ٺاهڻ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. جواب ۾ ٻڌايو ويو ته رولو ڪتن ۽ چڪڻ جي واقعن بابت شڪايت لاءِ موبائل ايپ به تيار ڪئي وئي آهي، رمضان ڪانپوءِ عوام لاءِ اها ايپ بحال ڪئي ويندي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته شهري رولو ڪتن بابت تصوير ۽ پتي سان گڏ شڪايت ڪري سگهن ٿا. رولو ڪتن جي ويڪسينيشن جو سلسلو جاري آهي. عدالت درخواست جي وڌيڪ ٻڌڻي 4 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 26 ***

سبب گهريلو شعبي خاص طور تي سياري جي موسم ۾ آر ايل اين جي فراهمي ضروري ٿي وئي آهي. آر ايل اين جي قيمت تقريبن 3.500 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو جڏهن ته گهريلو شعبي جي اوسط قيمت وڪرو تقريبن 1.100 روپيه آهي. اهڙي بنياد تي 231 روپين جو فرق اچي ويو آهي جنهن جي ڪري گيس جي قيمتن ۾ اضافو ضروري آهي. ان کان علاوه مقامي گيس جي خرچن ۾ به 69 ارب روپين تائين جو اضافو ٿي چڪو آهي. ٻئي طرف گذريل ٻن سالن دوران پاڪستاني روپئي جي قدر ۾ 55 سيڪڙو تائين گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي آهي. اها ڳالهه ذڪر جوڳي آهي ته گيس جي قيمتن ۾ تازي اضافي جي باوجود پروٽيڪٽڊ ڪيٽيگري جي گهريلو صارفين جي لاءِ گيس جي قيمت 513 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو جيڪا ان جي خريد قيمت يعني 1.674 روپيه في ايم ايم بي ٽي يو کان به گهٽ آهي.

بقايا 27 ***

ميڊيا تي وائرل ٿيون هيون. وڊيوز ۾ ڊي آءِ جي جي پٽ عاشر مهيسر کي مختلف هنڌن تي فائرنگ ڪندي ڏسي سگهجي ٿو ته آءِ جي سنڌ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي کي واقعي جي مڪمل جاچ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آءِ جي سنڌ چيو ته جاچ رپورٽ جي روشني ۾ محڪماڻي ڪارروائي جو فيصلو ڪيو ويندو ڊي آءِ جي ايسٽ اظفر مهيسر وڊيو کي پٽ خلاف پروپيگنڊا قرار ڏنو هو

بقايا 28 ***

طلب ڪري ورتو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ صحافي لالا شهباز خان پٺاڻ جي جي ٻڌڻي ڪئي. بيرسٽر خان عبدالغفار چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي خاص ڪري سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ بدامني جي باهه ۽ ڌاڙيل راڄ سبب عوام غيرمحفوظ بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن ۽ سنڌ پوليس وٽ ايترا وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود ناهن جو هو ڪچي ۾ آپريشن ڪري سگهن. ڌاڙيل ۽ ڌوهارين خلاف پاڪ فوج، رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن ڪرايو وڃي. عدالت امن امان ۽ ڌاڙيلن خلاف فوج سان پوليس جي گڏيل آپريشن درخواست ۾ جاڳايل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب 9 تي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 29 ***

ٿي. رويت هلال ڪميٽي جي چيئرمين عبدالخبير آزاد شوال جي چنڊ لاءِ سائنسي مدد وٺڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو مولانا عبدالخبير آزاد سائنسي بنيادن تي عيد جو چنڊ 29 جو ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪندي چيو آهي ته سائنسي حوالي سان چنڊ جي عمر 20 ڪلاڪ جي ويجهو ۽ زاويو به 10 ڊگري هوندو. رويت هلال ڪميٽي جي چيئرمين چيو ته فواد چوڌري کي به چيو هو ته اسان سائنسي ماڻهن کي مڃون ٿا پر وقت اچڻ تي چنڊ جو فيصلو شهادت ۽ شريعت موجب ڪنداسين. جيڪڏهن رمضان جو چنڊ 29 تي ٿيو ته ان موجب پاڪستان ۾ عيدالفطر اربع 10 اپريل تي ٿيڻ جو امڪان آهي.

بقايا 30 ***

ويندي. اهڙو فيصلو ڊي جي اطلاعات ڪاتي جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ ڪيو ويو آهي. سنڌ جي اطلاعات کاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد سليم خان جي صدارت هيٺ سوشل ميڊيا بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ميمبر صوبائي اسيمبلي سميتا سيد، ڊائريڪٽر ايڊمن اينڊ اڪائونٽس محمد يوسف ڪابرو، ڊائريڪٽر سوشل ميڊيا فيصل فاروقي ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سنڌ جي اطلاعات ڪاتي جي ڊائريڪٽر جنرل محمد سليم خان چيو ته سوشل ميڊيا جاچ پڇ ۽ منتقلي جو اهم ذريعو بڻجي ويو آهي. سوشل ميڊيا، ڊجيٽل ميڊيا ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا لاءِ آرٽيفيشل انٽيليجنس جي سافٽ ويئر کي اثرائتي طريقي سان استعمال ڪيو ويندو هن چيو ته انفارميشن ڪاتي جي آفيسرن کي آرٽيفيشل انٽيليجنس سافٽ ويئر بابت تربيت ڏني وڃي. هن وڌيڪ چيو ته ميڊيا مئنيجمينٽ جي شعبي ۾ تبديلين کان باخبر رهڻ لاءِ آفيسرن کي جديد ٽيڪنالاجي سان ليس ڪرڻ ضروري آهي. سوشل ميڊيا جي مانيٽرنگ جي ڏس ۾ ڊائريڪٽوريٽ جي سيني ملازمن جي حاضري ضروري آهي.

بقايا 31 ***

تي ٻڌڻي مڪمل ڪري ورتي. قيمتن ۾ واڌ بابت حتمي فيصلو بعد ۾ جاري ڪيو ويندو. ٻڌڻي دوران نيپرا جي ميمبر چيو ته بجلي جي طلب گهٽ هجڻ سبب صارفين تي بار پئجي رهيو آهي. طلب ۾ اضافي جي لاءِ ڪم ڪرڻو پئي رهيو آهي. مقامي ڪوئلي مان بجلي جي پيداوار 38 سيڪڙو گهٽ ٿي آهي ۽ مقامي ڪوئلو استعمال نه ٿيڻ سبب قيمت وڌي. اوهان جڏهن مهانگي ايل اين جي تي پاور پلانٽس هلائيندا ته ان سان بجلي ته ضرور مهانگي ٿيندي. نيپرا ميمبر رفيق شيخ چيو ته متاثا جو ڏار نقصان ۽ صارفين جو ڏار نقصان ٿي رهيو آهي. مهانگا پاور پلانٽس هلائي ڪيپسٽي چارجز ۽ فيول چارجز وڌايا ويا.

بقايا 32 ***

پشاور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي خلاف سپريم ڪورٽ سان رابطو ڪرڻ جو فيصلو ڪيس پارٽي جي ذريعن ٻڌايو ته سني اتحاد ڪائونسل مخصوص سيٽن تي حلف نه کڻڻ جي فيصلي تي قائم آهي. ياد رهي ته هلندڙ ڏينهن پشاور هاءِ ڪورٽ مخصوص سيٽن تي حلف برداري جي ڪيس ۾ اپوزيشن ميمبرن جي درخواست منظور ڪندي اسپيڪر کي ميمبرن کي حلف کڻڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. تفصيلي فيصلي ۾ چيو ويو ته اسپيڪر ميمبرن کي رول آف ميمبرز تي صحيح جي اجازت ڏني ۽ مخصوص سيٽن تي ميمبرن کي سينيٽ جي چونڊن ۾ ووٽ ڏيڻ جي به اجازت ڏني. جنهن ۾ چيو ويو ته 2 اپريل تي ٿيندڙ سينيٽ چونڊن ۾ ووٽ وجهڻ جي به سهولت فراهم ڪئي وڃي. واضح رهي ته هلندڙ ڏينهن ڪيس جي ٻڌڻي جسٽس عتيق شاهه ۽ جسٽس شڪيل احمد ڪئي. خيبرپختونخواهه جي عورتن جي مخصوص سيٽن جي اميدوارن هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ داخل ڪئي. عدالت اسپيڪر، اميدوارن کي ويلاٿا دليل ڏنا ۽ ايڊووڪيٽ جنرل به شامل ٿيو هو جنهن کان پوءِ عدالت فيصلي کي محفوظ ڪيو هو.

بقايا 33 ***

طلب ڪري ورتو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ صحافي لالا شهباز خان پٺاڻ جي جي ٻڌڻي ڪئي. بيرسٽر خان عبدالغفار چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي خاص ڪري سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ بدامني جي باهه ۽ ڌاڙيل راڄ سبب عوام غيرمحفوظ بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن ۽ سنڌ پوليس وٽ ايترا وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود ناهن جو هو ڪچي ۾ آپريشن ڪري سگهن. ڌاڙيل ۽ ڌوهارين خلاف پاڪ فوج، رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن ڪرايو وڃي. عدالت امن امان ۽ ڌاڙيلن خلاف فوج سان پوليس جي گڏيل آپريشن درخواست ۾ جاڳايل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب 9 تي طلب ڪري ورتو آهي. طلب ڪري ورتو آهي . سنڌ هاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي جسٽس محمد اقبال ڪلهوڙو ۽ جسٽس ارباب علي هڪڙو تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ صحافي لالا شهباز خان پٺاڻ جي جي ٻڌڻي ڪئي. بيرسٽر خان عبدالغفار چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال خراب آهي خاص ڪري سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ بدامني جي باهه ۽ ڌاڙيل راڄ سبب عوام غيرمحفوظ بڻجي ويو آهي. هن چيو ته ڌاڙيلن وٽ جديد هٿيار آهن ۽ سنڌ پوليس وٽ ايترا وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود ناهن جو هو ڪچي ۾ آپريشن ڪري سگهن. ڌاڙيل ۽ ڌوهارين خلاف پاڪ فوج، رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن ڪرايو وڃي. عدالت امن امان ۽ ڌاڙيلن خلاف فوج سان پوليس جي گڏيل آپريشن درخواست ۾ جاڳايل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب 9 تي طلب ڪري ورتو آهي.

بقايا 34 ***

پيو وڃي. اورينج لائن ۽ گرين لائين کي ڳنڍڻ لاءِ شٽل سروس شروع ڪئي ويندي. ڪراچي ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ کاتي جو اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن، ايم ڊي ايس ايم ٽي اي ڪمال دايو، ٽرانس ڪراچي جي وقتي سي اي او شمائلا محسن، ريڊ لائن، اورينج لائن، ييلو لائن جا عملدار ۽ عالمي ڪنسلٽنٽ شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ ڳالهائيندي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شروعاتي طور تي عيد کانپوءِ شٽل سروس نمائش کان ٽاور تائين ڏني ويندي، انو ڀائي پارڪ کان جناح وومين ڪاليج تائين شٽل سروس مفت فراهم ڪئي ويندي. هن چيو ته وفاقي حڪومت پي ايس ڊي پي پراجيڪٽ تحت 18 بلين ماليت جي 300 بسن جو واعدو ڪيو هو. پي ايس ڊي پي پراجيڪٽ تحت بسز جي فراهمي لاءِ وفاقي حڪومت سان ڳالهايو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ريڊ لائين بي آر ٽي تي نگران حڪومت ڌيان نه ڏنو جنهن سبب ڪم دير جو شڪار ٿيو، سيني اسٽيڪ هولڊرز جي ڪوشش سان ريڊ لائن بي آر ٽي جو ڪم هڪ ڀيرو ٻيهر تيزي سان شروع ڪرڻ وارا آهيون. چاهيون ٿا ته ريڊ لائن بي آر ٽي جو ڪم جلد مڪمل ٿئي ۽ عوام کي فائدو پهچي. سندس وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ حڪومت هاڻي انٽرسٽي بس سروس شروع ڪرڻ جي منصوبن تي ڪم ڪرڻ واري آهي. بين الضلاعي ٽرانسپورٽ پراجيڪٽ تحت عوام جي سهولت لاءِ 500 بسون خريد ڪيون وينديون. هن چيو ته ييلو لائن بس سروس لاءِ ڪم تيزي سان جاري آهي. اميد آهي ته جلد عوام ييلو بس سروس مان فائدو وٺندو شرجيل انعام ميمڻ موجب سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي کان حيدرآباد، ميرپورخاص کان حيدرآباد، لاڙڪاڻي کان سکر، لاڙڪاڻي کان قمبر شهدادڪوٽ به بسون هلايون وينديون.

بقايا — سنڌيار — 01

۽ لاڳاپيل ڌرين جي غير موجودگي سبب عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 9 مئي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي کانپوءِ درخواستگذار جي وڪيل بئريسٽر خان عبدالغفار خان عدالتي احاطي ٻاهران ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته شهيد جان محمد جا قاتل ست مهينا گذرڻ باوجود گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ڪچي ۾ ڌاڙيلن پنهنجي ڌوهن جي رياست قائم ڪري ورتي آهي. ڪچي ۾ ڌاڙيلن خلاف ڪارروايون ڪرڻ لاءِ وسيلا ۽ جديد هٿيار موجود آهن عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ امن امان کي برقرار رکڻ لاءِ ۾ پوليس رينجرز ۽ پاڪ فوج جو گڏيل آپريشن ڪيو وڃي. سکر ۾ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ ماڻهن کي پنگ لاءِ اغوا ڪرڻ، ڦرون ۽ قتل جي واقعن ۾ مسلسل اضافو ٿي رهيو آهي، پاڪ فوج رينجرز ۽ پوليس جو گڏيل آپريشن ڪرائي ڌرهي وارداتون ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. بئريسٽر خان عبدالغفار خان وڌيڪ چيو ته عدالت ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي 9 مئي تي مقرر ڪئي آهي. اميد آهي ته عدالت سنڌ ۾ امن امان جي خراب صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي. ٻڌڻي جي موقعي تي درخواستگذار لالا شهباز خان، بئريسٽر خان عبدالغفار، سکر پريس ڪلب جو صدر آصف ظهير لوڌي، نائب صدر شهزاد تاباني، سکر يونين آف جرنلسٽس جو نائب صدر خالد ٻانڀڻ، ڪورٽ رپورٽرز ايسوسيئيشن جو جنرل سيڪريٽري مورڙو مهر، سينيئر صحافي مسعود زيدي، رياض راجپوت، جهانزيب وسير، اشفاق ڪوسو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 02

ٽيڙ جو انڪشاف ٿيو آهي. ٽنڊو ڪوٽ کان ٿالهي طرف ويندڙ ريلوي ٽريڪ تان لوهي اوزارن سان پٽڙيون ڪٽي چوري ڪرڻ واري وڊيو وائرل، وڊيو ۾ انجاتل ماڻهو بنا خوف جي لوهي اوزارن سان ريلوي ٽريڪ جون پٽڙيون ڪٽيندي نظر اچن ٿا. ذريعن موجب ٽنڊو ڪوٽ، فضل پنهور، نفيس نتگر کان ٿالهي اسٽيشن تائين انجاتل ماڻهو روزانو جي بنياد تي ريلوي ٽريڪ ٽوڙي لوهي پٽڙيون چورائڻ لڳا آهن. جڏهن ته اهو به معلوم ٿيو آهي ته ريلوي ٽريڪ تان لوهي پٽڙيون چورائيندڙ چور ٽنڊو ڪوٽ ۽ جهڏو شهر جي مختلف علائقن ۾ قائم ڪباڙ جي دڪانن تي لوهه وڪرو ڪن ٿا. جڏهن ته شهرين جو چوڻ آهي ته لاڳاپيل ٿاڻن جي پوليس به چورن خلاف ڪا اثرائتي ڪارروائي ناهي ڪري سگهي جنهن جي ڪري ڏينهون ڏينهن چور ريلوي ٽريڪ جون پٽڙيون چورائي رهيا آهن. شهرين موجب ريلوي ٽريڪ ڪافي سالن کان بند آهي ان ڪري چورن پٽڙي

بقايا — سنڌيار — 03

محمد حسن لاکو ڊاڪٽر رحمت الله سيال ڊاڪٽر ڪنول ڊاڪٽر ديدار علي ميمڻ ڊاڪٽر رحمت الله سومرو DM ڊي ايڇ آءِ ميجر محسن ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ٽي بي جو علاج ممڪن آهي ضلعي اندر هلندڙ سمورين اسپتالن ۾ ٽي بي جي تشخيص لاءِ جديد مشينن سان ٽي بي جي مريضن جو مفت علاج ڪيو پيو وڃي آخر ۾ سول اسپتال کان ٽي بي جي خاتمي لاءِ بيداري ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ ٽي بي ورڪرن سميت سول سوسائٽي، وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته ٽي بي جي بيماري کي ڪنهن دور ۾ خطرناڪ سمجهيو ويندو هو ۽ لاعلاج تصور ڪيو ويندو هو هاڻي به ٽي بي جو مرض موجود آهي پر لاعلاج نه رهيو آهي سنڌس علاج هر جڳهه تي موجود آهي ٽي بي مرض جو علاج بلغم ٽيسٽ ذريعي مفت ڪيو ويندو آهي.

بقايا — سنڌيار — 04

ضلعي اندر بند پيل اسڪول فوري طور کولڻ ۽ اتي استاد مقرر ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. اسڪولن ۾ شاگردن ۽ استادن جي تعداد کي نظر ۾ رکندي اسڪولن کي ايس ٽي آر پاليسي تحت مقرر ڪرڻ لاءِ چيو ويو. جڏهن ته اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ تعلقي ايجوڪيشن آفيسر جي نگراني ۾ ڪميٽيون قائم ڪيون ويون ته جيئن اسڪولن پاران ايس ايم سي فنڊن جي استعمال جي نگراني ڪئي وڃي. جڏهن ته اهڙن اسڪولن جي لسٽ ايڪسين ايجوڪيشن ورڪس کي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو ته جيئن انهن اسڪولن جي فوري مرمت ڪئي وڃي. اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ضلعي جي 7 مسلسل غير حاضر استادن کي ايندڙ گريڊ ۾ ترقيون ڏيڻ تي افسوس جو اظهار ڪندي ڪين پگهارون روڪڻ ۽ هڪ هفتي اندر برطرف ڪرڻ جي ڪارروائي مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي. هن چيو ته جتي شاگردن جو تعداد وڌيڪ آهي ۽ استادن جو تعداد گهٽ آهي اتي استادن کي ٻين اسڪولن ۾ شفٽ ڪيو وڃي جتان استادن جو تعداد وڌيڪ آهي جي چيف مانيٽرنگ آفيسر جي مشاورت سان. ان کان اڳ چيف مانيٽرنگ آفيسر ماجد علي ماڪو اجلاس کي ٻڌايو ته ضلعي جا 108 پرائمري اسڪولن جا استاد ۽ 57 سيڪنڊري استاد ڪافي عرصي کان غير حاضر آهن. انهن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي. هن چيو ته ضلعي ۾ 2174 اسڪول آهن جن مان 53 اسڪول مستقل طور بند آهن جڏهن ته 17 اسڪول عارضي طور بند پيل آهن. اجلاس ۾ ضلعي ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري رياض احمد اڄڻ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري حزب الله ڪوريجو، ايڪسيئن ايجوڪيشن ورڪس عابد علي لاشاري ۽ تعليم کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 05

فرياد ڪئي. پيرسن جو ڌرڻي ۾ احتجاج، انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ جهوڪ لڳ ٻيلي ويران جي رهواسي پيرسن صادق چانگ ڏٽي ۾ صحافين اڳيان احتجاج ڪندي ڏانهيو ته هو ابن ڏاڏن کان ٻيلي کاتي جي 60 ايڪڙ زمين ليز تي حاصل ڪري آباد ڪري رهيا آهيون، جنهن جون سمورين ليزون پڻ موجود آهن پر گذريل ڪجهه سالن کان بااثر اسان جي زمين تي قبضو ڪري اسان کي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي، هن الزام هڻندي چيو ته 2015ع ۾ اومني گروپ پاران مقامي بااثر ماڻهن علي ڏنو عرف الهبخش ڪوسو، سنڌس پٽن تاجو ڪوسو، ڪامران ڪوسو، علي ڪوسو، وڏيرو گلزار چانگ، حاجي علي حسن چانگ ۽ ٻين ٻيلي کاتي جي عملدارن سان ملي ڀڳت ڪري منهنجي زمين جي ليزختم ڪري زمين بااثر حوالي ڪئي وئي ۽ منهنجي مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويا. ٻيلي کاتي جي اهڙي عمل خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪئي ۽ هاءِ ڪورٽ منهنجي حق ۾ فيصلو ڏيندي زمين جي ليز اسان کي ڏيڻ جو حڪم جاري ڪيو. جنهن بعد اسان سان انصاف نه ڪيو ويو. هن چيو ته اڳوڻي صوبائي صلاحڪار مرحوم اعجاز شاه شيرازي جي ايم پي اي سيد رياض شاه شيرازي پڻ 2 پيرا مذڪور زمين بابت فيصلو ڪيو آهي پر بااثر ڪوءِ فيصلو مڃڻ لاءِ تيار ناهن. هن چيو ته ڪجهه ڏينهن بااثر ماڻهو زبردستي منهنجي زمين ۾ ٽريڪٽر هلائي ڪيڙي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اطلاع تي پهتاسين ته اسان جي مٿان حملو ڪري سنڌي فائرنگ ڪئي وئي، جتان اسان جان بچائي جهوڪ ٿاڻي تي پهتاسين ته ايس ايڇ او اسان جو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هن چيو ته قبضا مافيا انتهائي بااثر آهي جن اسان جو جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو آهي، اسان جي ٻارن کي به ڌمڪيون پيو وڃي. هن سپريم ڪورٽ ۽ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، وزيراعظم پاڪستان، آرمي چيف، وزيراعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي جي رينجرس، ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي زمين تان قبضو ختم ڪرائي ڪين تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 06

احتجاج ب فارم ناهي ڏيڻ لاءِ هڪ مهيني کان رلائي رهيا آهن ڳري رشوت وٺڻ بعد به منهنجي نياڻي کي عورت واري خاني ۾ مرد لکي ٻيهر رشوت طلب ڪري فارم درست ڪرڻ جو چئي رهيا آهن انصاف جو مطالبو. نارو شاه پرسان ڳوٺ پڏل سولنگي واسي پورهيت ذوالفقار سولنگي پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ته يونين ڪائونسل پالهاڻو جي سيڪريٽري اڪرم سانڊ ٻارڙن جو ب فارم ٺهرائڻ لاءِ برٿ سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جا 1800 روپيا ورتا آهن ۽ ب فارم ۾ منهنجي 8 سالا نياڻي بسما کي مرد ڄاڻائي ڇڏيو آهي

جنهن سبب نادران آفيس نوشهروفيروز پيهر برٿ سرٽيفڪيٽ ۾ درستگي لاءِ فارم واپس ڪيو آهي وري پيهر يونين ڪائونسل آفيس وارا 6 سئو روپيا رشوت طلب ڪري رهيا آهن هن چيو ته برٿ سرٽيفڪيٽ جي سرڪاري فيس 150 روپيا هئڻ باوجود يونين ڪائونسل پالهاڻو جا عملدار غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦري رهيا آهن مان پورهيت ماڻهو هڪ مهيني کان ڪر ڪار سيڙائي ڳوٺ روز يونين آفيس جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان پر هو جائز سرٽيفڪيٽ به ڪيڍي نه ڏئي رهيا آهن هن چيو ته فوري طور ڪرپٽ عملي خلاف ڪارروائي ڪري مونسان انصاف ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ ڊي سي نوشهروفيروز جي آفيس آڏو احتجاج ڪيو ويندو .

بقايا — سنڌيار — 07

مختلف سرڪاري ادارن ۾ سول سروس جي عهدن تي فائز آهي ۽ پاڪستان جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. اهڙن خيالن جو اظهار هن ابراهيم حيدري ٽائون جي مختلف علائقن ۾ مسيحي برادري جي تهوار ايسٽر جي موقعي تي چرچز جو تفصيلي دورو ڪيو. دوري دوران ٽائون چيئرمين مختلف چرچز ۽ آبادين ۾ صفائي سترائي، روشني ۽ ميونسپل جي ٻين سهولتن جو پڻ جائزو ورتو. ان موقعي تي ابراهيم حيدري ٽائون جي چيئرمين نظير احمد پٽو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خاص هدايتن تي مسيحي برادري جي ملازمن کي ايسٽر جي موقعي تي ايڊوانس پگهارون ڏنيون ويون آهن. مسيحي برادري کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ سنڌن سمورا بنيادي مسئلا حل ڪيا پيا وڃن ۽ مسيحي برادري جي آبادين ۾ صفائي سترائي سان گڏ اسٽريٽ لائيٽون پڻ لڳايون ويون آهن. هن چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه اقليتن جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي. پيپلزپارٽي جي حڪومت ۽ بلدياتي ادارا خاص ڪري اقليتن کي سمورين بنيادي سهولتون فراهم ڪري رهيا آهن. ان موقعي تي چرچز جي انتظاميا پاران بروقت صفائي سترائي ڪرڻ ۽ اسٽريٽ لائيٽون لڳائڻ سان گڏ بهتر بلدياتي انتظام ڪرڻ تي ٽائون چيئرمين نظير احمد پٽو جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جا چونڊيل نمائندا مذهبي ڏهاڙن جي تقريبن ۾ شرڪت ڪري اسان جي حوصلا افزائي ڪندا رهندا آهن هن پيري مسيحي آبادين ۾ وقت کان اڳ صفائي ۽ روشني جا بهترين انتظام ڪيا ويا آهن جنهن تي اسان ٽائون چيئرمين نظير پٽو جا ٿورائتا آهيون. ان موقعي تي ڊائريڪٽر سينيٽيشن مشتاق متو ڊپٽي ڊائريڪٽر سينيٽيشن عامر رانوڙ ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

بقايا — سنڌيار — 08

پيرا ميڊيڪل عملي پاران اوپي ڊي جو بائيڪاٽ ۽ احتجاجي مظاهرو . پوليس ۽ انتظاميا خلاف سخت نعري بازي رپورٽ موجب سول اسپتال نوشهرو فيروز مان ڊاڪٽر معراج لاشاري، ڊاڪٽر منصور عباسي اڪرم سومرو ۽ زوهيب سولنگي جون موٽرسائيڪلون چوري ٿيڻ ۽ وڌندڙ بدامني خلاف ڊاڪٽر عبدالفتاح راڄپر ڊاڪٽر بدر الدين ابڙو ڊاڪٽر غلام مرتضيٰ سهتو اشرف قريشي امداد سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو اڳواڻن چيو ته اسان مريضن جي خدمت ڪريون ٿا پر اسان جي سيڪيورٽي ڪرڻ لاءِ ڪوبه تيار نه آهي روزانو غريب ملازمن جون نه رڳو گاڏيون چوري ٿيون ٿيون پر اسپتال جي رهائشي ڪالوني" مان موٽر مسلسل نامعلوم چور چوري ڪري وڃن ٿا پر پوليس اڳهور ننڊ ۾ ستل آهي جيڪڏهن اهو سلسلو برقرار رهيو ته جلد سڄي ضلعي ۾ اسپتالون بند ڪري احتجاجي تحريڪ هلائينداسين

بقايا — سنڌيار — 09

جي سلسلي ۾ فول پروف حفاظتي انتظامات، صفائي سترائي، اسٽريٽ لائٽ، داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪنگ سخت ڪرڻ ۽ شهادت امام علي عليه السلام جي مناسبت سان ماتمي جلوسن ۽ مجلسي اعزا سلسلي ۾ ڪنٽرول روم قائم ڪرڻ جو فيصلو ان ڏس ۾ اهم گڏجاڻي ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ڊپٽي ڪمشنر سيد احمد فواد شاه جي صدارت هيٺ ٿي ايس ايس پي زبير نظير شيخ اي ڊي سي ون جواد احمد لاڙڪ، اي ڊي سي غضنفر شاه ، ڊي آئي بي انچارج علي گل ملاح سميت اسسٽنٽ ڪمشنرز، سيپڪو، ميونسپل ڪاميٽيز لوڪل گورنمنٽ، صحت، انفارميشن ۽ ٻين کاتن جي آفيسرن توڙي مذهبي اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ فلسطين جي آزادي ۽ مسلمانن سان اظهار يڪجهتي سميت امن ڪاميٽي جي ميمبر مولانا مير محمد ميرڪ جي صحتيابي لاءِ دعا گهري وئي ڊپٽي ڪمشنر ۽ چيئرمين امن ڪاميٽي سيد احمد فواد شاه گڏجاڻي کي مخاطب ٿيندي چيو ته امام علي عليه السلام ،اسلام جي سربلندي ۽ نفاذ لاءِ جيڪو ڪردار پيش ڪيو اهو سمورن مسلمانن توڙي انسانن لاءِ هڪ پيغام ۽ مشعل راه آهي. ڊي سي خيرپور چيو ته شهادت امام علي عليه السلام جي موقعي تي روينيو پوليس ۽ رينجرز پاران گڏيل طور ڪنٽرول روم قائم ڪيو ويندو. هن سمورن لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهادت واري ڏينهن جي پروگرام ۾ ڪانٽي جنسي پلان تي عملدرآمد ڪندي تفصيلي رپورٽ فراهم ڪئي وڃي. گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي زبير نظير شيخ چيو ته يوم شهادت امام علي عليه السلام جي موقعي تي ضلعي ۾ ٿيندڙ مختلف پروگرامن، مجلسن، ماتمي جلوسن جي گزرگاهن، امام بارگاهن جي آس پاس ۽ ٻين هنڌ تي جتي به شهادت امام علي عليه السلام جا پروگرام ٿيندا اتي حفاظتي اپائن بابت هو پاڻ انتظامن جي نگراني ڪندو مذهبي ادارن ۽ اڳواڻن سان مڪمل سهڪار ڪيو ويندو. ضلعي امن ڪاميٽي ۽ سب ڪاميٽين کي فعال رکيو ويندو جڏهن ته ضلعي پوليس پاران ضلعي ۾ ٿيندڙ جلوسن، مجلسن لاءِ 1700 پوليس آفيسر توڙي اهلڪار مقرر ڪيا ويندا. ڊي آءِ بي انچارج علي گل ملاح گڏجاڻي ۾ ٻڌايو ته ڪانٽي جنسي پلان تحت موبائل فورس. ايگل اسڪواڊ ۽ اهلڪارن کي مقرر ڪيو ويندو. گڏجاڻي ۾ مذهبي اڳواڻن سميت ٻين آفيسرن پاران گزارشون ۽ سفارشات پيش ڪيون ۽ گڏيل طور سمورن اپائن تي عملدرآمد ۽ سهڪار جو يقين ڏياريو ويو.

بقايا — سنڌيار — 10

وڏي انگ ۾ ماڻهون مسئلن جاانبار کڻي پهچي ويا. چورن ۽ ڌوهارين کي وارننگ ٿرڏيان پيش ٿين ٻي صورت ۾ اسان انهن سان سختي سان پيش اينداسين. 2022 واري برسات ۽ ٻوڏ بعد بڪ بدحالي بيروزگاري ۽ منشيات سبب ڏوهن ۾ اضافو آيو آهي، حڪمت عملي جوڙي ڏوهارين کي پنهنجي انجام تائين پهچائينداسين. نفري جي حوالي سان آئي جي سنڌ سان ڳالهه ٻولهه بعد شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پوليس چونڪيون قائم ڪنداسين، رتوديرو کي 15 فيس ڏيڻ سان گڏ ضرورت پئي ته پيو ٽائو ڏينداسين. ايس ايس پي مير روحل خان ڪوسو جو کلي ڪچهري ۾ خطاب، رپورٽ موجب رتوديرو ۾ مسلسل وڌندڙ ڏوهي وارداتن ۾ اضافو اچڻ ۽ عوام جي احتجاجن بعد ايس ايس پي لاڙڪاڻو مير روحل خان ڪوسو کلي ڪچهري ڪري عوام جا مسئلا ٻڌا تن سون جي لڳ ڀڳ ماڻهن لکت ۾ پنهنجا مسئلا ڪئي پيتا جن جا مسئلا ايس ايس پي لاڙڪاڻو ۽ ڊي ايس پي رتوديرو تابش شاه، ايس ايڇ او رتوديرو امام الدين چانڊيو، ايس وارڊنو ماڇي ايس ايڇ او ۽ پي ايس لاشاري ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي پڻ متاثر ماڻهن جي مسئلن جي حل لاءِ هدايتون جاري ڪيون. 100 مان 30 سيڪڙو عوام پوليس جي مبينا ناجائزن خلاف دانهيو جڏهن ته 50 سيڪڙو متاثرن چوري ڦر جون وارداتون ريڪور نه ٿيڻ تي داهون ڪيون ۽ 20 سيڪڙو ماڻهن جا زرعي زمينن سميت ٻيا خوني تڪرار جهيڙن جا مسئلا پيش ڪيا، انهي موقعي تي ايس ايس پي لاڙڪاڻو مير روحل خان ڪوسو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته کلي ڪچهري جو مقصد عوام جو پوليس ۽ ڏوهن بابت تاثر معلوم ڪرڻ هيو، اسان جو مقصد عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ آهي جيئن عوام جو پوليس مٿان اعتماد برقرار رهي، 2022 جي برسات ۽ ٻوڏ بعد پيدا ٿيل بڪ بدحالي بيروزگاري سان گڏ شهر ۾ هلندڙ منشيات سبب ڏوهن ۾ اضافو اچي ويو آهي، انهي حوالي سان اسان هڪ ميٽنگ ڪري حڪمت عملي جوڙي ڏوهارين کي انهن جي آخري انجام تائين پهچائينداسين. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته هتي

نفري جو مسئلو آهي ان حوالي سان آئي جي سنڌ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ بعد شهر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي چيڪ پوسٽون ناهيون وينديون ۽ 15 فيس ڏيڻ سان گڏ ضرورت پئي ته رتوديرو کي هڪ وڌيڪ ٽائو ڏنو ويندو، سياسي مداخلت واري سوال جي جواب ۾ هن جو چوڻ هو ته پوليس تي ڪو به سياسي دٻاءُ ناهي جيڪو ايس ايڇ او يا عملو صحيح ڪم نه ڪندو ته ٺيڪ آهي ٺيڪ طريقي سان ڪم نه ڪندڙن کي هٽايو ويندو

بقايا — سنڌيار — 11

هٿن تي ڪارروايون. ٽن جوابدارن کي شراب جي گٿلن، زهريلين سپارين، گٽڪن ۽ مين پڙين سميت گرفتار ڪري ورتو خبر موجب ته ستي انچارج امان الله ملاح، اي ايس آءِ علي بخش مگسي ۽ اي ايس آءِ راڻو خان مشوري سڪرنڊ شهر جي بخاري محلي ۽ محرابپور روڊ تي منشيات ڪپائيندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪندي بخاري محلي جي رهواسي عبدالحليم پٽ حاجي محمد ڪيريو کي شراب جي گٿلن سميت گرفتار ڪري ورتو ۽ محراب پور روڊ تان عبد الوحيد ڪيريو ۽ فياض علي ڪيريو کي زيڊ ايڪيه، گٽڪن ۽ مين پڙين سميت سنڌن دڪان تان گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته مٿن سڪرنڊ ٿاڻي تي سرڪاري مدعيت ۾ الڳ الڳ ٽي ايف آءِ داخل ڪيون ويون آهن. ياد رهي ته سڪرنڊ جا شهري توڙي مختلف شعور رکندڙ سماجي تنظيمون منشيات خلاف سوشل ميڊيا توڙي مختلف پليٽفارمن تان آواز اٿاريندا رهيا آهن. سوشهرين پاران ايس ايس پي نوابشاه مان اها اميد ڪئي پئي وڃي ته منشيات فروشن سميت چورن، ڦورن ۽ ٻين برائين ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت قدم کڻي امن امان بحال ڪيو ويندو.

بقايا — سنڌيار — 12

ڳاتي توڙ مهانگائي ۾ سڪرنڊ تعلقي ۾ مزدور ۽ پورهيت طبقي جا ماڻهو سخت پريشان آهن منافعي خور واپارين ۽ دڪاندارن کي ڪير به چوڻ وارو ناهي جڏهن ته مهانگائي جو جن ٻوتل مان ٻاهر نڪري چڪو آهي سڪرنڊ ۾ اٽو 130 روپيا ڪلو گيهه 430 روپيا ڪلو الو 60 پيندي 140 بصر 230 زيتون 160 ٻير 200 مڇي 600 مرغي 620 وڏي جو گوشت 800 روپيا وڪامي رهيو آهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پاران رمضان شريف ۾ غريب ماڻهن کي سستو سودو فراهم ڪرڻ لاءِ يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي ڪروڙين روپيا ڏنا آهن ته جيئن عوام کي فائدو ملي پر ڪرپشن سبب سڪرنڊ سميت سنڌ ۾ يوٽيلٽي اسٽور به عوام لاءِ بي لاپ بنيل آهن باخبر ذريعن مان مليل ڄاڻ موجب ته يوٽيلٽي اسٽورز آفيسرن جي ملي ڀڳت سان ويئر هائوس نوابشاه تان روزانو ڪيترن ئي گاڏين تي اٽو گيه کنڊ ۽ ٻيون سبسڊي واريون شيون لوڊ ڪري واپارين جي گودامن تي پهچايون وڃن ٿيون جنهن ڪري شهيد بينظير آباد ريجن ۾ قائم يوٽيلٽي اسٽورن تي غريب ماڻهن کي سستو اٽو گيه کنڊ ۽ ٻيون شيون ملن ٿي ڪو نه ٿيون پر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به غائب آهن جنهن ڪري عوام منافعي خور واپارين ۽ دڪاندارن هٿان ڦرجندو رهي ٿو

بقايا — سنڌيار — 13

خدمتون سرانجام ڏنيون. فوت ٿيل اهلڪارن جي اولاد کي روزگار فراهم ڪرڻ اعزاز جي ڳالهه آهي. ايس ايس پي اعجاز احمد شيخ، خبر موجب: ضلعي پوليس سانگهڙ جي فوت ٿيل ملازمن جي اولاد کي ڪلاس فور جي پوسٽن تي فوتي ڪوٽا تحت مڪمل قانوني ۽ ڊپارٽمينٽل ڪارروائيون مڪمل ڪرڻ بعد ڀرتي ڪرڻ جا آرڊر جاري ڪيا ويا. ايس ايس پي سانگهڙ اعجاز احمد شيخ پنهنجي آفيس ۾ فوت ٿيل اهلڪارن جي ٻارن ۾ آرڊر ورهايا، ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته فوت ٿيل اهلڪار پوليس کاتي ۾ سالن تائين عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ خدمتون سرانجام ڏنيون. اهلڪارن جي فوت ٿيڻ کانپوءِ آءِ جي سنڌ سنڌس خاندان جي ڀلائي لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن ان سلسلي ۾ سانگهڙ ضلعي جي 4 فوت ٿيل اهلڪارن جي ٻارن کي مڪمل شفاف قانوني ۽ ڊپارٽمينٽل عمل جي مڪمل ٿيڻ کانپوءِ سنڌ پوليس ۾ ڀرتي ڪيو ويو آهي. انهن ٻارن ۾ آرڊر ورهائڻ هڪ اعزاز آهي.

بقايا — سنڌيار — 14

تي اليڪشن ڪميشن پاران 21 اپريل تي جاري ڪيل شيڊول تحت ٿيندڙ ضمني اليڪشن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران اڳوڻي ايم پي اي انجنيئر عبدالعزيز جونيجو جي پائيٽي پ پ پ اڳواڻ زبيراحمد جونيجو کي نامزد ڪيو ويو. جڏهن ته هميشه مد مقابل ۾ سامهون اليڪشن وڙهندڙ جتوئي پائرن پاران فارم نه پرايو ويو جنهن سبب زبيراحمد جونيجو پڻ مضبوط اميدوار طور سامهون آيو هو. جڏهن ته جي يو آئي مرڪز پاران ضمني اليڪشن ۾ حصو نه وٺڻ واري اعلان بعد جي يو آئي اميدوار اظهار الحق صديقي آراو آفيس کي اين شاه ۾ پهچي پڻ هٿ کڻي ويو. جڏهن ته آزاد اميدوارن اصغر علي شيخ، غلام قادر چانڊيو ۽ ٻين هٿ کڻڻ جي صورت ۾ پ پ پ اميدوار زبيراحمد جونيجو غيرسرڪاري نتيجن موجب بنا مقابلي ايم پي اي ٿي ڪامياب ٿي چڪو آهي، هوڏانهن بنا مقابلي ڪامياب ٿيڻ تي پ پ پ ورڪرن جيالن ۽ سپورٽرن پڻ جشن ملهائيندي خانپور جونيجو ۾ پهچي زبيراحمد جونيجو کي گلن جا هار پارائي ڪيس مبارڪون ڏنيون آهن.

بقايا — سنڌيار — 15

فورس جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون صحت کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته هو اي پي آئي سينٽرن جا اوچتا دورا ڪري اتي موجود ويڪسين ۽ اسٽاف جي حاضري کي يقيني بڻايو وڃي هن والدين کي اپيل ڪندي چيو ته هو پنهنجن 2 سالن کان گهٽ گلن جهڙن ٻارڙن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪاءَ ضرور لڳرائن. اهي ٽڪاءَ مفت ۾ ڪنهن به ويجهي حفاظتي مرڪز مان لڳرائي سگهجن ٿا گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ڊاڪٽر ثناالله ۽ رمضان قمبراڻي ٻڌايو ته ضلعي بدين ۾ 113 ويڪسينيٽر ۽ هڪ هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز جي مدد سان ضلعي جي 80 اي پي آئي سينٽرن ۾ 12 خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جا مفت حفاظتي ٽڪا لڳايا وڃن ٿا گڏجاڻي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ، اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ، ڊسٽرڪٽ مينيجر پي پي ايڇ آئي رٽائرڊ ميجر ڊاڪٽر مير حسن جمالي، اي پي آئي فوڪل پرسن ڊاڪٽر ثناالله ڊاڪٽر ممتاز علي چانڊيو ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا — سنڌيار — 16

جيون سفر ملتي ميڊيا هال ۾ ٿي گذريو. جنهن ۾ خصوصي مقرر جي حيثيت ۾ ناميارې انگريزي جي پروفيسر ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر عبدالوحيد چانڊيو خطاب ڪندي چيو ته يونيورسٽي جي پڙهائي منهنجي زندگيءَ ۾ انقلاب برپا ڪيو جيون ۾ هارڊ ورڪ پهلي نه ڪيو پر سمارٽ ورڪ ڪيو. جڏهن ته انگريزي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ انگريزي ادب ۽ ان جي تاريخ پڙهڻ لازمي آهي. پبلڪ اسپيڪنگ کان مان ڳهٻرائيندو هوس پر سيد قلندر شاهه لڪياري ۽ ڊاڪٽر سحر امداد منهنجو اعتماد بحال ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ مونکي ماڻهن سامهون مخاطب ٿيڻ سيکاريو. مان 1990 کان وٺي اڄ ڏينهن تائين روزاني ڊائري لکندو رهيو آهيان. منهنجي لاءِ استاد هئڻ فخر جي ڳالهه آهي. مان پوزيشن کڻڻ لاءِ نه پر فقط پاس ٿيڻ لاءِ پڙهندو هوس. ليڪچر ۾ ڳورا لفظ استعمال ڪرڻ بجاءِ مان آسان ٻولي ڳالهائيندو آهيان ته جيئن منهنجي ڳالهه شاگردن کي آسانيءَ سان سمجهه ۾ اچي وڃي. جڏهن ته مطالعو ۽ مشاهدو زندگيءَ کي سنوارڻ لاءِ بيحد ضروري آهي. مان ٻهراڙي جو ماڻهو هوس منهنجي لاءِ وڏي حاصلات تعليم حاصل ڪري هيستائين پهچڻ آهي. اڄ جي شاگردن کي تمام گهڻيون سهولتون آهن جيڪي اسان جي دور ۾ نه هيون. جيون ڏکن سکن جو مجموعو آهي. ڪامرس ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر رضوان گل ڳالهائيندي چيو ته اسان جي هن پروگرام کي ڀرپور موٽ ملي آهي هن سلسلي ۾ جيڪي سڄاڻ شخصيتون اچي ڳالهائن ٿيون انهن مان اسان کي سکڻ جو موقعو ملي ٿو. جڏهن ته اسان ڪاليج جي شاگردن کي هر حوالي سان ڄاڻ مهيا ڪريون ٿا ڪين تعليم سان گڏ تربيت به ڏيون ٿا. هن قسم جي ليڪچرس مان شاگردن کي سکڻ سمجهڻ ۽ ايندڙ زندگيءَ جي فيصلن ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اجوڪي پروگرام

مان به يقينن اسان ڪيترائي سبق پرايا هوندا. هوڏانهن پروگرام جي شروعات ۾ پروفيسر حزب الله ڪوريجو وائي جهونگاري ٻڌائي. جڏهن ته ڪارروائي پروفيسر منصور ميرالي هلائي. تقريب ۾ ڪاليج جي ميل ۽ في ميل ٽيچنگ اسٽاف کان علاوه اي ڊي ڪام جي شاگردن ۽ شاگردياڻين پڻ شرڪت ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 17

ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. هن ڊپٽي ڪمشنر آفيس جي عملدارن ۽ عملي سان ملاقات ڪندي چيو ته عوام جي مسئلن جي فوري حل لاءِ هر ممڪن ڪوششون ورتيون وينديون . هن چيو ته سمورا عملدار ۽ عملو بنا ڪنهن فرق جي عوام سان پيار، محبت ۽ شفقت سان پيش اچن ۽ پنهنجا فرض ايمانداري، سچائي ۽ نيڪ نيتي سان سرانجام ڏين ته جيئن هتي جي عوام کي ڪنهن به قسم جي تڪليف ۽ پريشانيءَ کي منهن نه ڏيڻو پوي. ڊپٽي ڪمشنر منور عباس سومرو چيو ته سنڌ حڪومت پاران عوام جي ڀلائي لاءِ ڪيل فيصلن تي سو سيڪڙو عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو ۽ ضلعي جي تعمير ۽ ترقيءَ ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي ويندي. هن چيو ته عوام جي مسئلن جي حل لاءِ سنڌس آفيس جا دروازا هر وقت کليل آهن.

بقايا — سنڌيار — 18

ڪندڙن ڪرمنل ۽ مفرور اشتهاري جوابدارن خلاف ڪاروايون جو سلسلو جاري سي آئي اي ٽنڊو محمد خان انچارج سب انسپيڪٽر رحيم ڪوسو پاران سنڌس اسٽاف سان گڏجي دوران گشت ڪارروائي ڪندي سٽي پوليس جي حد اندر ڳوٺ حسين خان لغاري ٻاءِ پاس تي جرم ڪرڻ جي ارادي سان ويهل ڇهن مان ٽن ايڪٽو ڪرمنل ڏوهاري علي احمد سميپوٽو منور علي سميپوٽو ۽ مهتاب علي سميپوٽو کي حڪمت عملي تحت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار جو هڪ ساٿي رات جي اونڌهيري جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو جڏهن ته سي آئي اي پوليس موجب فرار جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن سي آئي اي پوليس ٽنڊو محمد خان گرفتار ٿيل جوابدار کان هڪ عدد بغير لائسنس ٽي ٽي پسٽل 30 بور ٽي گوليون برآمد ڪرڻ جي دعوا پڻ ظاهر ڪئي آهي پوليس پاران گرفتار ۽ فرار جوابدار خلاف 2 الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سي آئي پوليس موجب گرفتار جوابدار ۽ فرار جوابدار ضلعي اندر موٽر سائيڪل ڦرڻ ۽ چورين سميت ٻيا ڏوهه ڪن ٿا ۽ هي ايڪٽو ڪرمنلز ڏوهاري آهن جن کان سنڌس گينگ ۽ جرائم متعلق تفتيش پڻ ڪئي پئي وڃي پئي طرف تعلقا ٽنڊو محمد خان ٿاڻي جي اسپيڪٽر محمد علي زنئور ۽ سب انسپيڪٽر ارشاد شاهاڻي ۽ ٻئي پوليس پارٽي سان گڏجي خفيه اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي دوران چيڪنگ ٽانگو شاه اسٽاب ويجهو روڊ تان مير علي موري ٽنڊو محمد خان تو ٽانگو شاه روڊ تان ٽنڊو محمد خان طرف کان ايندڙ مهراڻ ڪار کي روڪي تلاشي ورتي وئي ته ان ڪار ۾ موجود 2 عدد ڪٽا مين پڙي جنهن ۾ ٻه هزار عدد تيار ٿيل مين پڙي ۽ 2500 سئو روپيا ڪيش رقم سميت ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو تعلقه پوليس موجب ڪار ۾ سوار مين پڙي سپلائير غلام مصطفيٰ وگهامل کي گرفتار ڪيو ويو آهي گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ تفتيش پڻ ڪئي پئي وڃي ان کان علاوه تعلقا ٿاڻي ٽنڊو محمد خان جي انسپيڪٽر محمد علي زنئور هڪ ٻئي ڪارروائي دوران ڪچو شراب ٺرو وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ علي شير لنجواڻي کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪندي گرفتار جوابدار کان ڏهن ليٽر ڪچو شراب ٺرو پلاسٽڪ جون ٿيليون گيلن برآمد ڪري گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن سٽي ٿاڻي جي سب انسپيڪٽر عمران اختر چانڊيو موجب پنهنجي ٿاڻي جي پوليس پارٽي سان گڏجي دوران پيٽرولنگ ڪارروائي ڪندي مينڍي پوڙي فروش ممتاز سميپوٽو کي گرفتار ڪيو ويو آهي سٽي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ هزار مضر صحت مين پڙيون برآمد ڪري گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 19

بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو..! هن اهڙو اعلان نيشنل پريس ڪلب ڪي اين شاه ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ته جي يو آئي مرڪزي قيادت فضل الرحمان جي فيصلي تي عمل ڪندي پي ايس 80 تي ضمني اليڪشن جو بائيڪاٽ ڪريان ٿو. اظهار الحق صديقي چيو ته گذريل 8 فيبروري جي عام اليڪشن دوران ملڪ ڀر ۾ ڌانڌلين ذريعي جي يو آئي جي اميدوارن ۽ اسان جي اتحادين کي هارايو ويو هيو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته مرڪزي قيادت فضل الرحمان جي ڏنل سڏ تي 2 مئي جي ڏينهن ڪراچي ۾ عوامي اسيمبلي لڳائي ويندي جنهن ۾ دادو ضلعي جا لکين جي يو آئي ڪارڪن ڀرپور شرڪت ڪندا. نظام جي بهتري لاءِ جدوجهد جاري رکي ويندي. ان موقعي تي جي يو آئي ضلع دادو اڳواڻ مولانا انور ڪوهارو، مولانا محمد اسحاق ڪوهارو، مولانا اسماعيل ڪوهارو، مولانا محمد جابر بروهي، حافظ محمد اويس چانڊيو، مولانا عبدالعزيز خاصخيلي، مولانا غلام رسول ڪوهارو، مولانا عبدالعزيز ڪوهارو ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا — سنڌيار — 20

جاري. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ يوم شهادت حضرت علي ع جي مناسبت سان انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ڊي ايڇ او سميت رينجرز، پوليس، ميونسپل ۽ سيپڪو جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ مذهبي هم آهنگي موجود آهي، مختلف مڪتب فڪر جا ماڻهو هڪٻئي جي جذبن جو خيال رکن ٿا ان باوجود اهڙن موقعن تي شرپسند عنصر سرگرم ٿي ويندا آهن انڪري ضلعي ۾ امن و امان برقرار رکڻ لاءِ سخت حفاظتي انتظام ڪيا وڃن ۽ مشڪوڪ ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي وڃي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪندي چيو ته تعلقي سطح تي انتظامن جو جائزو ورتو وڃي ۽ يقيني بڻايو وڃي ته مجلسون ۽ جلوس مقرر وقت ۽ روٽ تحت ٿين ته جيئن انتظاميه بهتر انتظام ڪري سگهي. هن ڊي ايڇ او کي هدايت ڪندي چيو ته ضلعي جي سمورن اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊڪ اسٽاف جي حاضري يقيني بڻائي وڃي. هن ميونسپل آفيسرن کي پڻ سختي سان هدايت ڪندي چيو ته 21 رمضان دوران صفائي سترائي جو خاص خيال رکيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 21

وارو مامرو...!! ٻنون پوليس طرفان 3 ڄڻن خلاف قتل جو ڪيس داخل. هڪ جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعوي، خبرموجب ٻنون لڳ ڳوٺ علي محمد سهتو ۾ 3 ڏينهن اڳ نوجوان عرفان سهتو ۽ ناري آمد سهتو طرفان پيار جي پرڻي بعد وارث طرفان ٿيل راڄوڻي ۾ ناري جي مائٽن واري ڌر طرفان ڇرا هڻي قتل ڪيل نوجوان مراد سهتو جي ڀاءُ محمد علي ولد پاندي سهتو جي فرياد تي ٽن جوابدارن اڪبر عرف اڪ ولد لال محمد سهتو نواب ولد اڪبر سهتو ۽ مجيد ولد لال محمد سهتو خلاف ٻنون ٿاڻي تي قتل جو ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي. جنهن کانپوءِ ٻنون پوليس قتل ۾ ملوث ناري جي مامي مجيد سهتو کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ٻنون پوليس جي ايس ايڇ او حفيظ سومرو موجب قتل ڪيس ۾ نامزد ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. جوابدار جلد قانون جي گرفت ۾ هوندا.

بقايا — سنڌيار — 22

مهينن جون پگهارون نه ملڻ خلاف ڪالا بلا قلم ڇڏ هڙتال ڪري ريلي ڪڍي مين ايڊمن بلاڪ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي وئي. ان موقعي تي ايمپلائيز ايسوسيئشن جي عهديدارن حضور بخش ڏيپر، مظفر علي ڳاڏهي، بلاول جوکيو سليم احمد خاصخيلي، غلام عباس چانڊيو نجم الدين ساريو، منظور علي جتوئي، طارق علي لغاري ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته لاڙڪاڻي جي سيني ڪيمپس کي ملائي دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو جي نالي سان يونيورسٽي ناهي وئي آهي. جنهن ۾ تقريبن 500 ملازمن جون گذريل 4 مهينن کان پگهارون بنا جواز بند ڪيون ويون آهن. اهڙي عمل خلاف يونيورسٽي جي ملازمن احتجاجي

تحريڪ شروع ڪئي. جڏهن ته احتجاج دوران يونيورسٽي انتظاميه اسان کي خاطري ڪرائي ته توهان جون سيني پگهارون جاري ڪرڻ سان گڏ سمورا جائز مطالبا تسليم ڪيا ويندا. پر افسوس جو هن وقت انتظاميه پنهنجي ڪيل ڳالهين تان ڦري وئي آهي ۽ ملازمن کي پگهارون نه جاري ڪيون ويون آهن ۽ گذريل ڏينهن يونيورسٽي انتظاميه ايسوسيئيشن جي عهديدارن سميت 14 ملازمن کي سسپين ڪري يونيورسٽي اندر اچڻ تي پابندي لڳائي آهي، وڌيڪ ڪارروائي لاءِ ڪاميٽي جوڙي وئي آهي. جڏهن ته سسپين ٿيلن ۾ سراج احمد پٽو عبدالجبار چانڊيو، فياض حسين راڄپر، غلام مصطفيٰ اوڍو ۽ ٻيا ملازم شامل آهن، اسان انتظاميه جي اهڙي ڪريل حرڪت جي سخت مذمت ٿا ڪريون ۽ انتظاميه کي اهو ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اسان جي گهرن ۾ فاڪاڪشي جي صورتحال آهي. روز روز گهر جي خرچ لاءِ پني پٺي ٽڪجي پيا اهيون. هڪ ته پگهارون به نه ڏنيون وڃن ٿيون. پيو وري ملازمن کي سسپين ڪري داخلا تي پابندي لڳائي وڃي ٿي. جيڪڏهن اسان جا مسئلا نه حل ڪيا ويا ته اسان ايندڙ هفتي کان پنهنجي ٻارن ٻچن سميت پريس ڪلب لاڙڪاڻي اڳيان مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين. هن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي معاملي جو نوٽيس وٺي سسپين ڪيل ملازمن کي بحال ڪري رهيل پگهارون ڪيون وڃن ته جيئن اسان پنهنجن ٻچڙن سان گڏ عيد ڪري سگهون ۽ ايڪٽنگ وائيس چانسلر ڊاڪٽر زاهد حسين کند، رجسٽرار رفيق احمد ڪوسو ۽ ڊائريڪٽر فنانس ممتاز علي لاشاري کي هٽائي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو ۾ فوري طور تي هڪ ريگيولر وائيس چانسلر مقرر ڪيو وڃي ته جيئن يونيورسٽي جو وهنوار هلي سگهي.

بقايا — سنڌيار — 23

لاءِ آبادگارن کي شفاف نموني سان باردانه جي فراهمي لاءِ جيڪا پاليسي جوڙي وئي آهي ان تي مڪمل عملدرآمد ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته ضلع شهيد بينظيرآباد ۾ ڪڻڪ جون 8 لک بورين خريداري جو ٽارگيٽ مقرر ڪيل آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ ۽ آبادگارن کي سهولت مهيا ڪرڻ لاءِ ضلع جي مختلف علائقن ۾ 41 ڪڻڪ خريداري سينٽر قائم ڪيا ويا آهن انهي لاءِ آبادگارن کي صلاح ڏي ڏني وڃي ٿي ته هو ڪڻڪ سيزن 2024 لاءِ سرڪاري باردانو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي حد جي مختيارڪار وٽ درخواستون جمع ڪرائين ته جيئن انهن درخواستن جو جائزو وٺي ميرٽ جي بنياد تي ٽوٽل آباد زمين جي حساب سان 20 سيڪڙو باردانو فراهم ڪري سگهجي.

بقايا — سنڌيار — 24

جي پوليس جوانن کي امن قائم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪندي چيو ته اسان عوام جي جان ۽ مال جا محافظ آهيون تنهن ڪري منهنجي ۽ اوهان جي اولين ترجيح هنگوراجا جو امن برقرار رکڻ آهي . ان موقعي تي SHO هنگوراجا عبدالرحمان پٽو سٽي پريس ڪلب هنگوراجا جي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته آءُ پوليس نفري ساڻ ڪري پوري شهر جو فليگ مارچ ڪرڻ جو اصل مقصد شهر جي امن جي فضا کي قائم رکڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته هنگوراجا جي شهرين ۽ سياسي سماجي صحافين توڙي ڪاروباري ماڻهن کي به اڳتي اچڻ گهرجي ۽ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيڻ گهرجي ته جيئن اسان کي امن برقرار رکڻ ۾ وڌيڪ همٿ افزائي حاصل ٿي سگهي!!!

بقايا — سنڌيار — 25

اگ محرابپور ٿاڻي جي ٻن ڦرلاڳن تي منهنجي دوڪان تان 6 نامعلوم هٿيار بندن پاران ڏينهن ڏٺي جو دوڪان ۾ پيل 8 لک ڦر ڪري ويا هيا اسان دوڪاندارن ۽ شهرين سان گڏجي احتجاج پئي ڪيو ته ايس ايڇ او محرابپور راڄا نويد سرفراز چيو ته مون کي ٽن ڏينهن جي مهلت ڏيو توهان ٿيل چوري ۽ چور گرفتار ڪندس ليڪن افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اٺ ڏينهن گذرڻ جي باوجود نه چور مليا نه چوري هن چيو ته اسان ٿاڻي جا چڪر لڳائي ٿڪجي پيا آهيون ليڪن پوليس ڪک پڇي پيٺو نٿي ڪري ويندر اسان کي ڌمڪايو ويو ٿو وڃي ته توهان جي ڦر نه ٿي آهي هن چيف جسٽس پاڪستان آءِ جي سنڌ ، ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته منهنجي ڦر ٿيل اٺ لک واپس ڪرائي ڏنا وڃن ورنا ٻي صورت ۾ محرابپور ٿاڻي اڳيان دوڪاندارن ۽ شهرين سان گڏ احتجاج ڪيو ويندو جيڪو ڦر ٿيل رقم جي واپسي تائين جاري رهندو.

بقايا — سنڌيار — 26

خان جکراڻي صدر پريس ڪلب پيربخش بنگوار راڄه گوهي چند حفيظ ملڪ ياسين لاشاري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ايس ايس پي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي سخت نعريبازي ڪندي صحافين چيو ته ڪار واپس ڪري چورن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ ايس ايڇ او اي سيڪشن رفيق احمد ڪيڙو کي فوري طور هٽايو وڃي .ان دوران ايس ايس پي بشير احمد بروهي رابطو ڪري ڳالهين لاءِ وفد کي گهرائي ڌرڻو ختم ڪيو ايس ايس پي سان پريس ڪلب جو وفد صدر پريس ڪلب پيربخش بنگوار گل محمد خان جکراڻي راڄا گوهي چند سان ملاقات ڪئي ان موقعي تي صحافين جي وفد ايس ايس پي کي چيو ته گل محمد خان جو ڪار سوچيل سمجهيل سازش تحت چوري ٿي آهي جنهن ۾ جيڪي به ملوث آهن انهن کي گرفتار ڪري ڪار واپس ڪرائي وڃي ايس ايس پي بشير احمد بروهي چيو ته بلڪل اهو ٽارگيٽيڊ پلان تحت واقعو پيش آيو آهي ان جي مڪمل طرح جاچ ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪار هٿ ڪيو ويندو ڪار چوري جي واقعي جو ڪيس اي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو.

بقايا — سنڌيار — 27

اندر صحيح ڪرڻ ويس، ٿوري دير بعد ٻاهر نڪتس ته موٽرسائيڪل نظر نه آئي. هن ايس ايس پي تنوير حسين ٽيو کي اپيل ڪندي چيو ته آئون مسڪين ماڻهو آهيان، مهرباني ڪري مون کي گاڏي واپس ڪرائي ڏني وڃي.

بقايا — سنڌيار — 28

تباه ٿي ويا ئيا. اتي تعليمي ادارن کي پڻ تمام گهڻو نقصان پهتو ۽ حڪومت طرفان مرمت ۽ سار سنڀال نه ٿيڻ سبب چار سئو کان وڌيڪ اسڪولن جون عمارتون بيڪار بڻجي ويون. جنهن جو ڪم غيرسرڪاري تنظيم ٽرڊيپ ڊولپمينٽ پروگرام سنڀاليو ۽ يونيسيف جي سهڪار سان 83 اسڪولن ۾ ڪم شروع ڪيو جتي اسڪول جون عمارتون مڪمل طور ڊهي پٽ ٿي چڪيون هيون. انهن لاءِ ڪيمپون لڳايون ويون. ڪيترن ئي اسڪولن جي مرمت ۽ باقي اسڪولن ۾ ڪمرا ۽ واش روم ناهي ڏنا ويا. ٻارن کي اسڪول بيگ، پينسل جون ڪاپيون ۽ راندين جو سامان ڏنو ويو. غير سرڪاري اداري جي ان سٺي عمل جي ڪري تعليم کان محروم ٻارڙن وري ٻيهر تعليم حاصل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا — سنڌيار — 29

هيٺ نوٽريشن پروگرام بابت ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي جو اجلاس ڊي سي ڪامپليڪس جي ڪميٽي هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر صادق علي خواجه . ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو غلام سرور پنهور، ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر ذوالفقار علي سيال، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي، ايگريڪلچر آفيسر واحد بخش، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم احمد ميمڻ ، سماجي تنظيم آرڊي ايف جي امتياز علي، اين آرايس پي جي جليل الله ڪوڪر، لائيو اسٽاڪ جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر رياض لغاري کان علاوه مختلف سماجي تنظيمن جي اڳواڻن ۽ ضلعي جي ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان چيو ته نيوٽريشن پروگرام جو مقصد ٻارن ۽ غريب خاندانن جي غذائي کوٽ کي پورو ڪري کين صحتمند بڻائڻ آهي ۽ ضلعي اندر هن پروگرام کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي ضرورت آهي جنهن لاءِ عوام ۾ وڌ کان وڌ اويئرنيس آڻڻي پوندي. هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ اجلاس ۾ لاڳاپيل کاتن پاران ٻارن ۾ غذائي کوٽ ۽ سنڌن واڌ ويجهه تي پوندڙ گهٽ اثرن وارين يونين ڪائونسلز جي نشاندهي ڪرڻ سان گڏ هن فورم تي پنهنجا مسئلا لکت ۾ آڻيندا وڃن ته جيئن کين بروقت حل ڪري سگهجي .هن ضلعي اندر ڪم ڪندڙ مڙني سماجي تنظيمن

جي اڳواڻن کي هدايت ڪندي چيو ته غربت واري زندگي گذارڻ جي ڪري ٻارن ۾ غذائي کوٽ هجڻ هڪ اهم مسئلو آهي جنهن ڪري ٻار مختلف بيمارين ۾ مبتلا ٿيندا رهن ٿا جنهن لاءِ والدين ۾ ٻارن جي متوازن غذائي کوٽ کي ختم ڪرڻ بابت آگاهي پروگرامن جا سيشن منعقد ڪرائي شعور بيدار ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ٽنڊو محمد خان ڊاڪٽر صادق علي خواجه ٻڌايو ته ايندڙ نئين نسل جي بهتري لاءِ نيوٽريشن واري پروگرام ۾ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي ضرورت آهي اجلاس ۾ نيوٽريشن آفيسر ضلعي اندر جاري نيوٽريشن پروگرام بابت ۽ غذائي کوٽ وارن ٻارن کي ملندڙ سهولتن تحت حاصل ڪيل ٽارگيٽ بابت ۽ لاڳاپيل کاتن پاران پنهنجي پروگريس رپورٽ پيش ڪئي.

بقايا — سنڌيار — 30

اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻي ذوالفقار علي ٿيبو پنهنجي پٽن شاهمراد، آصف، ماڻن راشد ٿيبو، لعل ڏنو، امجد ٿيبو ۽ ٻين سان گڏجي صحافين آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته ڳوٺ جي رهواسي نادرا جي بااثر ٺڏي ملازم نواب ٿيبو ۽ سنڌس ڀائرن لياقت، صحبت ۽ حبدار ٿيبو گذريل ڇهن سالن کان وٺي ڳوٺ جي گهٽي قبضو ڪندي پنهنجا گهر ٺهرائي ڇڏيا آهن. جنهن سبب سڀني ڳوٺاڻن کي اچ وڃ ۾ سخت ڏکيائي پيش اچي رهي آهي. هن چيو ته اهڙين شڪايتون اسان ڊپٽي ڪمشنر قمبر، اينٽي انڪروچمينٽ آفيس، اي سي، مختيارڪار قمبر سميت ٻين لاڳاپيل عملدارن کي ڪيترائي ڀيرا ڪيون آهن، پر هن وقت تائين ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو. جنهن کان پوءِ اسان مجبور ٿي سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو بيچ ۾ سال 2023ع ۾ درخواست داخل ڪرائي آهي. جيڪو ڪيس هلندڙ آهي. جڏهن ته هن وقت به بااثرن جو ڳوٺ جي گهٽي تي قبضو برقرار آهي. جنهن لاءِ اسان سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، سنڌ جي وڏي وزير، ڪمشنر لاڙڪاڻو، ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريون ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ ڳوٺ جي گهٽي تان ٿيل قبضو ختم ڪرائي ڳوٺاڻن سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا — سنڌيار — 31

شريف ۾ به مهانگائي تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو هڙاڙو وڌايل ڳاتي توڙ مهانگائي ۾ تعلقي توڙي ضلعي ۾ مزدور ۽ پورهيت طبقي جا ماڻهو سخت پريشانين ۾ مبتلا بڻيل آهن منافعي خور واپارين ۽ دڪاندارن کي ڪير به چوڻ وارو ناهي جڏهن ته وفاقي حڪومت پاران رمضان شريف ۾ غريب ماڻهن کي سستو سودو فراهم ڪرڻ لاءِ يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي ڪروڙين روپيا ڏنا آهن ته جيئن عوام کي فائدو ملي پر ڪرپشن سبب ضلعي سميت سنڌ ۾ يوٽيلٽي اسٽور به عوام لاءِ بي لاپ بنيل آهن باخبر ذريعن مان مليل ڄاڻ موجب ته يوٽيلٽي اسٽورز آفيسرن جي ملي ڀڳت سان روزانو ڪيترن ئي گاڏين تي اٽو گيه کنڊ ۽ ٻيون سبسڊي واريون شيون لوڊ ڪري واپارين جي گودامن تي پهچايون وڃن ٿيون جنهن ڪري ضلعي ۾ قائم ڪافي يوٽيلٽي اسٽورن تي غريب ماڻهن کي سستو اٽو گيه کنڊ ۽ ٻيون شيون ملن ٿي ڪو نه ٿيون پر ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر به غائب آهن جنهن ڪري عوام منافعي خور واپارين ۽ دڪاندارن هٿان ڦرجندو رهي ٿو نوٽيس وٺي عوام کي ترت سستو رليف فراهم ڪري ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 32

تي 1000 هزار کان 2000 هزار جي ناجائز ڪٽوتي توڙي ننگر جو جواز ڄاڻائي هزارين مسڪين مستحقين عورتن کي دربدر ڪري گڏوگڏ ڳري ڪٽوتي سبب لٽيو ۽ ڦريو پيو وڃي ان کان علاوه غلط سروي ۽ نادرا جي انگن اکرن تحت نوڪري پيشه ۽ زميندار گهراڻن جون عورتون پئسا وصول ڪرڻ لڳيون تفصيل موجب بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تحت مستحق عورتن کي ملندڙ پئسن جي غلط سروي ٿيڻ جي ڪري ڪيترين ئي نوڪري پيشه گهراڻن ۽ زميندار طبقي جون عورتون انڪم سپورٽ جا پئسا وصول ڪندڙ آهن جڏهن ته غريب گهراڻن جون هزارين عورتون انڪم سپورٽ جا پئسا نه ملڻ ڪري سخت پريشان آهن اهڙين مستحقين عورتن جي فارم پڻ توڙي بند ٿيل امداد جي بحالي لاءِ ضلعي سميت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ انڪم سپورٽ جون آفيسون به کوليون ويون آهن پر انهن جي ڪارڪردگي زيرو آهي ٻئي طرف مختلف شهرن ۾ سياسي نائندو وٺڻ لاءِ به دوڪان کولي غريب عورتن کان انڪم سپورٽ جي فارمن تي انگوٺا هڻائي پئسن وٺي ڏيڻ جا آسرا ڏنا وڃن ٿا پر انهن غريب عورتن کي دردر جي دکن کائڻ کان سواءِ پيو ڪجهه به ناهي مليو جڏهن ته نادرا جي انگن اکرن مطابق سرڪاري ملازمن ۽ خوشحال گهراڻن جون عورتون بينظير انڪم سپورٽ جا پئسا وصول ڪندڙ آهن جڏهن ته حقيقي مستحق عورتن کي ڊرائيس مافيا پاران مختلف ڪوڙ ڏنا ڏئي رلايو پيو وڃي انهي معاملي جي قانوني جاچ ڪري ڪٽوتي ڪندڙ خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪري غريبن لاءِ رليف قائم ڪري ڏنو وڃي

بقايا — سنڌيار — 33

ڪيمپ جي گڏيل ڪارروائي، چيڪنگ دوران مزده ٽرڪ مان 15 ڪلو چرس هٿ، هڪ جوابدار گرفتار تفصيل موجب ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ، سيڪريٽري ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽيڪس، ڊائريڪٽر ايڪسائيز نارڪوٽيڪس سنڌ اورنگزيب پنهور، اقبال احمد لغاري، ڊائريڪٽر ايڪسائيز اينڊ ٽيڪسيشن سکر جي خاص هدايتن تي ايڪسائيز کاتي جي عملي منشيات فروشن خلاف حرڪت ۾ اچي ويا آهن. گذريل ڏينهن ايڪسائيز اينڊ نارڪوٽيڪس ڪنٽرول اي پي ايس سکر ٽائون ۽ ڊي آئي او سکر ٽائون جي ٽيمن اي پي ايس سکر ٽائون انسپيڪٽر سيد نور علي شاه، انسپيڪٽر محمد يونس جي زير نگراني ۾ شڪارپور روڊ سکر ويجهو چيڪنگ دوران هڪ مني مزده ٽرڪ نمبر TKD_625

مان تلاشي دوران اعليٰ معيار جو 15 ڪلو کان وڌيڪ چرس هٿ ڪري هڪ جوابدار محمد عثمان پٺاڻ کي گرفتار ڪري جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته ڪارروائي جي حوالي سان واسطيدار آفيسرن جو چوڻ هو ته اعليٰ آفيسرن جي هدايت تي شهر ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيزي سان جاري آهن هنن وڌيڪ چيو ته جيستائين شهر کي منشيات کان پاڪ نٿو ڪيو وڃي تيستائين ڪارروائيون جاري رهنديون.

بقايا — سنڌيار — 34

سنجهورو جي استادن عبدالله نظاماڻي امام بخش بلوچ محمد صالح سنجراڻي تنوير احمد موهل افتخار بلوچ سخاوت علي انڙ آفتاب مري علي شير پنهور، شهاب الدين ٽالپر جي اڳواڻي ۾ ٻين استادن ۽ شاگردن پاران مين بوائز پرائمري اسڪول سنجهورو کان پريس ڪلب سنجهورو تائين احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي پڻ ڪئي وئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن احتجاج کي خطاب ڪندي توڙي ميڊيا کي ٻڌايو ته سنڌ ۾ خاص ڪري اتر سنڌ ۾ استادن جا استاد انتهائي غير محفوظ آهن مختلف استادن کي ٽارگيٽ ڪري شهيد ڪيو ويو آهي هر ڪم سان ڪان سرڪار وٺي ٿي پر ان باوجود استاد عتاب جو شڪار آهي ۽ سرڪار سنڌن ڪا ٻهي مالڪي نٿي ڪري هنن جو چوڻ هيو ته استاد جي فوت ٿيڻ بعد سنڌس جڳهه تي سنڌس اولاد کي تعليم جي حساب سان نوڪري ڏني وڃي گروپ انشورنس زندا استاد کي نٿي ملي مرڻ کان پو ان ۾ رلايو ٿو وڃي اسان مطالبو ٿا ڪريون ته شاگرن کي تعليم ڏيندڙ اسان جي استادن کي تحفظ فراهم ڪيو ۽ اسان جا جائز مطالبا تسليم ڪري حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ اسان سموري سنڌ جا استاد سراپا احتجاج بڻباسون

بقايا — سنڌيار — 35

لاءِ پنجاه ڪلوميٽر پنڌ ڪري سڀ وڃڻ جو مشورو، احتجاج، خبر موجب ٽنڊو ڪوٽ پرسان هڪ ڏينهن دوران معصوم نينگر سميت 3 ڄڻن کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو، زخمين ۾ ڳوٺ بهادر چانڊيو جو رهواسي پنج سالا نينگر اياز ولد اڪبر چانڊيو ڳوٺ نصرت آباد واسي ونود ولد خميسو ۽ ڳوٺ حيات رند جو رهواسي نواب علي ولد عبدالله شامل آهن جن کي رولو ڪتن ڏاڙهي زخمي ڪري وڌو جنهن کي وارثن زخمي حالت ۾ ويجهي صحت مرڪز ٽنڊو ڪوٽ آندو جتي ويڪسين نه هئڻ ڪري زخمي سخت پريشان آهن. انهي حوالي سان ڳوٺاڻي اڪبر چانڊيو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيندي چيو ٽنڊو ڪوٽ ۽ آس پاس رولو ڪتن جو آزار وڌي ويو آهي گذريل ڏينهن رولو ڪتن اسڪول ويندڙ منهنجي معصوم نينگر اياز علي کي ڏاڙهي وڌو جنهن کي اسان ويجهي صحت مرڪز ٽنڊو ڪوٽ آندو جتي جتي ڪتي جي چڪ واري ويڪسين نه هئي ڪئي وڃي. جڏهن ته اسپتال ۾ موجود عملو موبائيل فون هلائڻ ۾ مصروف آهي. هن چيو ته اسپتال انتظاميا پاران چيو پيو وڃي ته اسان وٽ

بقايا — سنڌيار — 36

جي رهواسي زخمي پيرسن پيش امام علي حسين جوکيو مکلي تي بااثر ماڻهن جي زيادتين توڙي مٽس ٿيل حملي خلاف صحافين اڳيان دانهيندي الزام هڻندي چيو آهي ته 5 ڏينهن اڳ ساڳئي ڳوٺ جي رهواسين شاڪر حسين جوکيو طالب، نياز زاهد جوکيو ۽ ٻين مٽس حملو ڪري ڪيس سخت زخمي ڪري ڇڏيو. جنهن سبب ڪيس دماغ ۽ ٽنگن ۾ زخم رسيا آهن، جنهن جو علاج جاري آهي، مٽس ٿيل حملي جي جنگشاهي پوليس پوسٽ تي رپورٽ درج ڪرائڻ ويس پر پوليس ڪانٽس رپورٽ به نه ورتي. هن چيو ته حملي آور جوابدارن بااثر هجڻ ڪري هاڻي سنڌس رستا به بند ڪرڻ سميت سنڌس چوپايو مال به گهرن کان ٻاهر نڪرڻ نٿا ڏين. جنهن ڪري چوپايو مال به بک مرڻ لڳو آهي، هن چيو ته جنگشاهي پوليس کان مايوس ٿي هن SSP ٺٽو کي پڻ درخواست ڏني آهي، جنهن وٽان ڪيس انصاف جي اميد آهي، پيرسن علي حسين جوکيو انڪشاف ڪندي چيو ته سنڌس ڏوهه صرف اهو آهي ته سنڌس گهر ويجهو پاڪستان ريلوي جو سامان رکيل آهي، جنهن تي هڪ پيرسن شخص چوڪيدار مقرر ٿيل آهي، جنهن ان جي سارسنڀال لهان ٿي جيڪا ڳالهه انهن کي پسند نٿي اچي، جن مونکي منع به ڪئي، پر مون سنڌن چوڻ نه ڪيو ته هنن مونتي حملو ڪري مونکي زخمي ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي ريلوي جو رکيل سامان چوري ڪرڻ چاهين ٿا، هن ايس ايس پي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ساڻس انصاف ڪري سنڌس بند ٿيل رستا کولي مٽس حملو ڪندڙ سمورن حملي آور جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري ڪين گرفتار ڪري ڪيس بااثر ماڻهن جي زيادتين مان نجات ڏياري وڃي.

بقايا — سنڌيار — 37

روزيدار عورتون دربدر، ميرپور ماٿيلو پوليس خلاف چٽي نعريبازي، ڪرپٽ پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو تفصيل موجب ميرپور ماٿيلو ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڪميونٽي هال مهراڻ ڪلب ميرپور ماٿيلو جي سينٽر ۾ ڊوائيس هولڊرز پاران پوليس جي ظلمن ۽ زيادتين خلاف سيني ڊوائيس بند ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي ڊوائيس هولڊر ظهور پتافي، عاشق سومرو، حق نواز شيخ، فدا چاچڙ ، امداد لاڙڪ ۽ ٻين پڻ ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا کي ٻڌايو ته مير ماٿيلو پوليس اسان کان پتو طلب ڪري رهي آهي، پوليس کي پتو نه ڏيڻ تان پوليس اسان کي بنا جواز گرفتار ڪري ڏيڻي ليئي بعد آزاد ڪيو هنن وڌيڪ چيو ته ميرپور ماٿيلو ٿاڻي جي پوليس 7 هزار روپيا في ڊوائيس کان گهري ٿي، جيڪا اسان سان وڏي زيادتي آهي. ۽ پوليس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جو ڌمڪيون ڏئي رهي آهي، هنن ايس ايس پي گهوٽڪي، ڊي آءِ جي سکر ، آءِ جي سنڌ کان مطالبو ڪيو ته ميرپور ماٿيلو پوليس خلاف ڪارروائي ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ ڊوائيس هميشه لاءِ بند ڪنداسون، جنهن جي ذميواري ميرپور ماٿيلو ٿاڻي جي پوليس مٿان هوندي.

بقايا — سنڌيار — 38

تي رپورٽ داخل. زخمي ٻارڙي جي ٻانهن ٽٽي پئي، علاج لاءِ ڏڙو اسپتال داخل. تفصيل موجب ٻنون جي ٻيلي ڪڏي جي ڳوٺ عبد چانڊيو ۾ ٻيلي ڪاتي جي جمعدار اشرف مگسي طرفان مبينا طور گهر تي حملو ڪري ڇهن سالن جي معصوم ٻارڙي شاهد ولد علي گوهر چانڊيو جي ٻانهن ٽوڙي ڇڏي. جنهن کانپوءِ ڪڏي ٻيلي جي رهندڙ ڳوٺاڻن علي گوهر چانڊيو، صمند چانڊيو ۽ ٻين ٻنون پوليس اسٽيشن پهچي فاريسٽ جمعدار اشرف مگسي خلاف حملي ۽ گهرن کي باه ڏيڻ جي رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏي. جڏهن ته زخمي نينگر شاهد چانڊيو کي علاج لاءِ ڏڙو رورل هيلٿ سينٽر پهچايو ويو ان موقعي تي ڳوٺ عبد چانڊيو جي متاثر ڳوٺاڻن الزام هڻندي چيو ته ٻنون فاريسٽ رينج جي جمعدار اشرف مگسي هٿياربندن جي مدد سان اسانجي گهرن تي هلان ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 سالن جو شاهد علي ولد علي گوهر چانڊيو ٻانهن ٽٽڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو آهي، هنن چيو ته ظالم جمعدار اشرف مگسي اسانجي گهرن کي باه ڏئي ڇڏي، جنهن سبب گهرن ۾ پيل سمورو اناج ۽ ٻيو سامان باه جي رک ٿي ويو هنن مطالبو ڪندي چيو ته حملي آور جمعدار اشرف مگسي کي گرفتار ڪري اسان غريبن سان انصاف ڪيو وڃي، هوڏانهن الزام هيٺ آيل ٻيلي ڪاتي جي جمعدار اشرف مگسي ڪڏي ٻيلي جي چانڊيا برادري پاران هنيل سمورن الزامن کي رد ڪندي چيو ته علي گوهر ۽ صمند چانڊيو وارا ڪڏي ٻيلي جي سرڪاري زمينن تي قبضن ۾ ملوث آهن، نينگر شاهد چانڊيو 24 مارچ تي خود پنهنجي گهر ۾ ڪرندي ٻانهن ٽٽڻ سبب زخمي ٿيو آهي، تن ڏينهن بعد حملي جو هٿرادو ڊرامون رچايو ويو آهي.

بقايا — سنڌيار — 39

ڪندڙن ڪرمنل ۽ مفرور اشتهاري جوابدارن خلاف ڪاروايون جو سلسلو جاري سي آئي اي ٽنڊو محمد خان انچارج سب انسپيڪٽر رحيم ڪوسو پاران سنڌس اسٽاف سان گڏجي دوران گشت ڪارروائي ڪندي سٽي پوليس جي حد اندر ڳوٺ حسين خان لغاري ٻاءِ پاس تي جرم ڪرڻ جي ارادي سان ويهل ڇهن مان ٽن ايڪٽو ڪرمنل ڏوهاري علي احمد سميپوٽو منور علي سميپوٽو ۽ مهتاب علي سميپوٽو کي حڪمت عملي تحت گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار جو هڪ ساٿي رات جي اونڌهيري جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو جڏهن ته سي آئي اي پوليس موجب فرار جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن سي آئي اي پوليس ٽنڊو محمد خان گرفتار ٿيل جوابدار کان هڪ عدد بغير لائسنس ٽي ٽي پسٽل 30 بور ٽي گوليون برآمد ڪرڻ جي دعوا پڻ ظاهر ڪئي آهي پوليس پاران گرفتار ۽ فرار جوابدار خلاف 2 الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن سي آئي پوليس موجب گرفتار جوابدار ۽ فرار جوابدار ضلعي اندر موٽر سائيڪل ڦرڻ ۽ چورين سميت ٻيا ڏوهه ڪن ٿا ۽ هي ايڪٽو ڪرمنلز ڏوهاري آهن جن کان سنڌس گينگ ۽ جرائم متعلق تفتيش پڻ ڪئي پئي وڃي پئي طرف تعلقا ٽنڊو محمد خان ٿاڻي جي اسپيڪٽر محمد علي زنئور ۽ سب انسپيڪٽر ارشاد شاهاڻي ۽ ٻئي پوليس پارٽي سان گڏجي خفيه اطلاع تي بروقت ڪارروائي ڪندي دوران چيڪنگ ٽانگو شاه اسٽاب ويجهو روڊ تان مير علي موري ٽنڊو محمد خان تو ٽانگو شاه روڊ تان ٽنڊو محمد خان طرف کان ايندڙ مهراڻ ڪار کي روڪي تلاشي ورتي وئي ته ان ڪار ۾ موجود 2 عدد ڪٽا مين پڙي جنهن ۾ ٻه هزار عدد تيار ٿيل مين پڙي ۽ 2500 سئو روپيا ڪيش رقم سميت ڪار کي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو تعلقه پوليس موجب ڪار ۾ سوار مين پڙي سپلائير غلام مصطفيٰ وگهامل کي گرفتار ڪيو ويو آهي گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ تفتيش پڻ ڪئي پئي وڃي ان کان علاوه تعلقا ٿاڻي ٽنڊو محمد خان جي انسپيڪٽر محمد علي زنئور هڪ ٻئي ڪارروائي دوران ڪچو شراب ٺرو وڪرو ڪرڻ جي الزام هيٺ علي شير لنجواڻي کي گرفتار ڪرڻ جي دعوا ڪندي گرفتار جوابدار کان ڏهن ليٽر ڪچو شراب ٺرو پلاسٽڪ جون ٿيليون گيلن برآمد ڪري گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي هوڏانهن سٽي ٿاڻي جي سب انسپيڪٽر عمران اختر چانڊيو موجب پنهنجي ٿاڻي جي پوليس پارٽي سان گڏجي دوران پيٽرولنگ ڪارروائي ڪندي مينڍي پوڙي فروش ممتاز سميپوٽو کي گرفتار ڪيو ويو آهي سٽي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ هزار مضر صحت مين پڙيون برآمد ڪري گرفتار جوابدار مٿان منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا — سنڌيار — 40

جاري. تفصيل موجب ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي ڊاڪٽر سيد محمد علي جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ يوم شهادت حضرت علي ع جي مناسبت سان انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ گڏجاڻي منعقد ٿي جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ ڊي ايڇ او سميت رينجرز، پوليس، ميونسپل ۽ سيپڪو جي عملدارن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر خطاب ڪندي چيو ته ضلعي گهوٽڪي ۾ مذهبي هم آهنگي موجود آهي، مختلف مڪتب فڪر جا ماڻهو هڪٻئي جي جذبن جو خيال رکن ٿا ان باوجود اهڙن موقعن تي شرپسند عنصر سرگرم ٿي ويندا آهن انڪري ضلعي ۾ امن و امان برقرار رکڻ لاءِ سخت حفاظتي انتظام ڪيا وڃن ۽ مشڪوڪ ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي وڃي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنرن کي هدايت ڪندي چيو ته تعلقي سطح تي انتظامن جو جائزو ورتو وڃي ۽ يقيني بڻايو وڃي ته مجلسون ۽ جلوس مقرر وقت ۽ روٽ تحت ٿين ته جيئن انتظاميه بهتر انتظام ڪري سگهي. هن ڊي ايڇ او کي هدايت ڪندي چيو ته ضلعي جي سمورن اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن ۽ پيراميڊڪ اسٽاف جي حاضري يقيني بڻائي وڃي. هن ميونسپل آفيسرن کي پڻ سختي سان هدايت ڪندي چيو ته 21 رمضان دوران صفائي سترائي جو خاص خيال رکيو وڃي.

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن



روزاني سنڌيار | Reg No 2677 | ABC Certified | ايڊيٽر اعجاز مهر | ڪراچي | Daily SINDHYAR Karachi | NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي، روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com